ساس سٽي سکر. ڪام

www.sascitysukkur.com

# ڪڇ ڪوڏيون

"عطا حسين شاهه موسوي"

ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽِي سکر

www.sascitysukkur.com

# چيف ايڊيٽر



# عبداللطيف انصاري

0333.7146119

# وِڇوڙ

- حضرت انسان
- حياتيءَ جي حيرت
- دوست
- دنيا مڙيوئي ڊوڙ، ڊوڙ دنيا جي منهن ۾
- فلسفئہ موت
- خيالات
- دل جا دليل
- دلبر ۽ دنيادار آهن اڪر هيڪڙي
- بيبيءَ نند سان بہ اکر
- جي نوٽن جو مينهن وسي تہ
- اندلث جو ارث
- ڪاري عينڪ
- ڪتو
- شڪار

- نشو
- ڪوڙ
- مٽي

# حضرت انسان

اي حضرت انسان تو ۾ ڪيترو جو تون رکين ايڏو شان! ڦندين ۽ ڦوڪجين تون گھڙيءَ جو مهمان! چو توکي ايڏيءَ وڏائيءَ وکوڙيو ۽ ورايو آهي . تو ۾ اها طاقت نہ آهي جو ڪٽين مڇر سان منهن ڏين . پوءِ چو پيو بي سود پاڻ هلاڪ ڪرين؟ سياڻن چيو آهي تہ " اهو ڪي ڪجي جو آئيءَ ويل ڪم اچي. " تون بہ اهو ڪجهه ڪر جو هن دنيا مان لاب لهين . تنهنجو تہ ايترو وت آهي جو هتان نڪتين خوش چڱو پلوءِ هتي اوچتو جهڙپ آييءِ تہ مائٽ مٽ سنگتي ساٿي بہ ڪين رسيءِ جو ڪٽي پاٽيءَ ڊڪ ڏيني ، اکيون ونني ۽ هٿ پير ناهني . سبحان الله! خبر ئي ڪانهي تہ ڪٿي انسان جو مٽيءَ پنوڙو جاءِ لهي. ڏٽيءَ جي جوڙ جو انت ئي ڪونهي. ڪو ويچارو ويس وڳا ڪري شاديءَ تي هليو ۽ سمجهيائين تہ شادي خانہ آبادي ٿيندي ، پر انهيءَ پل هن واسطي بربادي ۽ ناشادي . ڪو وري سک سمهيو ۽ سمجهيائين تہ اهيئي ڳالهيون مهاڙيون آهن .

" ستين ڪهڙي سار ، وڃ ڪوندي ويسرا ،
تو جيڏا تو يار ، لهرين لهوارا ڪيا . "

پر ڪيترو سک سمهڻ ۽ ڪهڙا شادمانا ڪرڻ! گهڙيءَ جو چٽڪوءِ لٽڪوءِ دنيا جا دور پيا خبر ڏين تہ جو اڳي هو سو هاڻي نہ آهي ، ۽ جو هاڻي آهي سو پوءِ نہ هوندو. يار! سدا بهار!!اڄ جو تون ڦٽي ڦوڪارو ڪري نٽ نانگر سان رستن تي رهاٽيون پيو ڪرين ڪيتري نہ خلقت جي دلين کي دونس ڏيندو هوندين ڪيترين جانين کي جنجال ۾ جهوريندو هوندين . آهي ڪو پتو؟ ڪک هينان لک پيو آهي . ذرا ڪنڌ

هيٺ ڪري ڏس ته ڪيترا جيوَ تنهنجي پيرن ۾ پيا چيپاڄن . ڪا نظر ڏر. ڪين رڳو نازڪ خرامي! اها ٺوڙ اهو ٺلڻ ڪيستائين؟ اڄ البيلائيءَ جا انگل ۽ آر، سياڻي جوانيءَ جا ڏار ڦاڙ ته پوئين پيريءَ جي پڇاڙ. ٻن ڇئن ڏينهن ۾ ئي خاتمون!

" سالڪن سمجهي چيو ايءَ آهه دنيا ڏينهن ڏون "

سردار! تون دنيا ۾ سڀ مخلوق جو سردار آهين . تون سر خدائي ڪري ڪونيو ويو آهين . تون اخلاقي پتلو ۽ سهڻو ۽ تنهنجي صورت ۾ ثاني ڪونه . ڀلا ڇا نه تو ۾ آهي؟ ڇا نه ، سڀ ڪجهه . اخلاق ۽ حسن ، ڪرم ۽ رحم، مروت ۽ جوانمردي ، سيڪجهه اندر ۾. وٽيئي ته نهال ۽ باغ بهار تي نهارڻ وٽيئي ته شوخ ستمگر تي ڪر ڪم ڪار، ٻئي تنهنجي اختيار . اڄ تون گل تي خنده پيشاني ٿيندين ته ٻيا ٻه چار ٻه توکي ڏسي خوش ٿيندا ، مگر جي ڪانڌيري وانگر ڪنڊا هوندءِ سڀ ڪو پيو پري ڀڄندءِ . جي سونڊ پائي هلندين ته ڇا ڪنهن کي وڻندين؟ سڀ ڪو منهن ڦيرائي هليوويندو.ڏس! باھ گرم آهي ته ڪيتري قدر ماڻهو ان کان پري رهندا آهن . تون گرم مزاج نه ٿيءُ ، نه ته پوءِ توسان ڪنهن جي ٻه مروت ۽ محبت نه ٿيندي . سختي ۽ سخت ڪلاميءَ کي ماڻهن هميشه ننديو آهي . ڏس ته جوڳي ڪيئن مرليون وڄائي نانگ جهڙي خوفناڪ جيوَ کي ريجهائي ٻر مان ٻاهر ڪڍندا آهن ۽ ان کان لهر ڪرائيندا آهن . هاٿي ڪيڏو نه پربت جيڏو جانور آهي، تنهن کي ماڻهو وني پيا نچائن . تون پنهنجي مني آواز جون مرليون ، اخلاق ۽ مهربانيءَ سان پريل وڄاءِ ، ته ماڻهو تنهنجا ٿين ۽ اها آهي تنهنجي سرداري!

رازدان الاهي! تون خدا پريمين يا محبن سان راز و نياز سان هل . ڏس ته هن جهان ۾ ڪهڙا نه راز رکيل آهن . تون ٻه الله جو عاشق آهين .

عشق مان ئي ڪائنات جي رازن جون راهون ۽ قادر جي قدرت جون ڪنجون هٿ ايندءِ. پڪين ڪان پريت پراءِ.

” وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنان ميث گهڻو.“

محبت جو سدا صاف گل هٿ ڪر، پيار سان اٿ ويهہ، پيار سان هل چل، پريت جو پيالو پيءُ ۽ پيار سان پڙهہ ۽ پرجهہ. اهو آهي راز!

دنيا ۾ داس ٿي هل. دنيا دورنگي آهي. هو بهروپڻ وانگي ويس بدلائي موهڻي پئي ڏيکاري ۽ بار بار پئي موهي. آخر ۾ پنهنجي بدزيبي شڪل ڏيکاري توتي پيي ڪلندي، تڏهن تنهنجا نشا ٽٽندا ۽ دماغ جا پردا ڪلندا. هلي قبرستان ۾ ڏس تہ توکي عبرت وٺندي ۽ حيرت لڳندي، جتي اميرن جي قبرن تي زربفت جا پڙ پيا پون ۽ مجاور پيا سٽون ڏين. شايد چاپلوس پيا قيرو پائيندا هوندا. اهي تہ جاڏي ڏسن ڏيري تاڏي پائن قيري. يا تہ ڪي ماڻهو نقش نگار ۽ چٽسالي ڏسڻ لاءِ قبن ۾ پيا نظر ايندا. هيڏانهن دينانات ديالوءَ جي داسن جون ڏيوريون ۽ فقيرن جون زيارت گاهون ڏس تہ سوين امير اچي پيا پيشانيون گسائين، آزيون نيازيون ڪن، مٿو پيا ٽيڪين، سڪائون پيا باسين، ۽ دعائون پيا گهرن.

” جاڳي جنهن ياد ڪيو، ساري رات سبحان،
ان جي عبداللطيف چئي، مٿيءَ لڏو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچي آسڻ ان جي.“

ڏس تہ ڪيڏو نہ فقيرن جو مرتبو آھي، جو فقط سندن پويان ٻاھر پير ڪڍن تہ سوين پيا سلامي ٿين ، ۽ اڪير وچون پيا چون تہ ھي فلاڻي پير جو گادي نشين آھي ، ھي فلاڻي مسند يا ٻائي جو گادي سر آھي . سبحان الله! ايڏو اثر ۽ رعب فقيرن جو! ڪھڙي مجال شاھاڻي شان ۽ شوڪت ڪي جو سامھون ٿي بيھي . اي سر جا وار ، چمڪيدار ، آخر متيءَ ۾ خوار. ڪاڏي ويندءِ اھو چمڪات تہ ڪاڏي ويندءِ اھو ڦڻي ڦوڪار؟ اڄ ڪارا تہ سيان اڇا ، ڪڏھن ڳاڙھو گھوٽ تہ ڪڏھن مڙھ مقام ۾، ڪڏھن تخت تي تہ ڪڏھن تختي تي ، منھن مقام ۾ پاءِ تہ ڪھڙو نہ رنگ رچيو پيو آھي! آھي ڪو پتو سھڻي من موھڻي جو؟ آھي ڪو نشان ڪني ڪاري ڪوجھي جو؟ نہ ، سيڪو پوتي تاڻيو پيو آھي . تڏھن حضرت انسان! نوڙت ۽ نمرتا سک . سَرن کان سبق سک، ھو واءُ جي جھوتي مھل نِوڙي ڌرتيءَ تي ڪنڌ نمائيندا آھن تہ سلامت رھن . نِم جو ڪيڏو نہ ڳورو وڻ آھي پر جئن جو واءُ لڳڻ مھل سڌو سنئون ٿي بيھندو آھي تہ ھو پاڙون پٽبو آھي . ” نوڙت منجھان نھال ، تون البت ٿيندين آدمي .“ سَرن جي نوڙت ڏنيءِ ۽ نم جي خودي ، ٻنھي جي پڇاڙيءَ جو قاضي تون ٿيءُ . اي حضرت انسان! اي سر رحمان! تو گل جو مثال وٺي خندءِ پيشاني ٿيءُ . سَرن کان نياز سک . پکين کان پريت پراءِ تہ ائين ڪوٺبين حضرت انسان! ۽ اھو آھي دنيا جو لاڀ .

********************************************

# حياتيءَ جي حيرت

سرءُ جا ڏينهن آهن . تپاولي ملڪ کي گهيري ويئي آهي . شاهوڪار پنهنجي شاهاڻي پوشاڪ ۾ ڪنبل ۽ لويون ويڙهيو تپ جي تؤ ۾ به دنيا جا خواب ڏسي رهيا آهن. مگر غريب ويچارا ڦاٽين ٽٽين رلين ۽ گودڙين ۾ پاڻ کي لڪايو هڙ هڙ ڪندا وتن . غريب زالون ۽ ٻهراڙيءَ واريون ته ويچاريون مٽي جي سور کان پٽي ٻڌيو ڦرنديون گهرنديون وتن . ڪڏهن تپ سخت لوڏو ڪيين ته ڍهي پون . ڇا جا حڪيم! ڇا جا طبيب!! ڇي الله مڙيئي چڱي ڪندو . وسوئي ڪونهي . سرءُ سڪيري آهي ، رڳي ليٽ پيٽ ، سيان تي نوبه نو . ڪاٽي ڪاري پئي ٿئي تي ته ڪاٽي ڪاري پئسي لاءِ پيٽ کي پٽيون ٻڌيو گذر پيا ڪن، پاڻي ڪانجهي لهي رهيا آهن . وڻن ٽڻن جا پن به ڇڻي ڇڻي رهيا آهن ۽ هوا انهن کي ڌوڪي ڪٺان جو ڪٺان جا سير پئي ڪرائي . پنن تان پير گسائيندو، سر سر جا آواز سڻندو هيڏانهن هوڏانهن واجهائيندو ، عجيب عجيب خيالن سان دل کي بهلائيندو اچي دريا جي ڪپ تي نڪتس . ڪپ تي ويهي پاڻيءَ ۾ ٽپ ٽپ ڪري هٿ ڇاچلائڻ لڳس . ايتري قدر جو ان جا ڇندا منهن ۾ ٿي پيا . وري ڪنهن مهل هوريان هوريان اندر هٿ ٿي وڌم جو وجي تر تي ورتائون ، ڪنهن مهل هٿ جو بند ناهي پاڻيءَ کي ٿي جهليم. مگر پاسن کان پاڻي وهي ٿي هليو. ڪنڌيءَ کان پاڻي هوريان هوريان ٿي وهيو، پرتي ڪجهه تکو ۽ وچ سير ۾ تيز تکو .ڪٺان ڪٺان ننڍا وهڪرا ٿي ڦٽا ، ڪٿي ڪُن ٿي ڏسڻ ۾ آيا ته ڪٿي چادرون ٿي ڦاٽيون . وري سير کان پوءِ پاڻي مانيڻو ٿي وهندڙ ڏسڻ ۾ آيو. انهيءَ مهل خيال آيم ته ماڻهوءَ جي حياتي به ائين آهي . پاڻيءَ کي زور سان ٽپ ٽپ ڪرڻ مان اهو انومان ڪيم، ته جي فطرتي زندگانيءَ کي ڇاڇولبو ته ضرور آڏو

ايندي ، جو جئَن مون کي چندون تي پيون . وري هوريان هوريان هٿ هيٺ تي ڪيم تہ هٿن تر تي ورتو ۽ جيڪي تر ۾ هو سو هٿن تي تي لڳو. انهيءَ مان معلوم ڪيم تہ دنيا جي انڌوڪارن ۾ وچئون، جو ماڻهو هوريان هوريان چپ چپاتيءَ ۾ ڪم ڪري ٿو ۽ ڪم آزار رهي ٿو، سو ضرور لعل لهندو ۽ منزل مقصود تي رسندو. وري هٿن سان پاڻي جهلجي نٿي سگهيو.

انهن خيالات ۾ غلطان هيس تہ اوچتو گويا جاڳي پيس ۽ ”هون“ ڪري ڪنڌ مٿي ڪٽي چيم تہ مار! قادر جي قدرت!! اها ڳالهہ تہ عالم آشڪار آهي جو اسين وقت کي زنجير وجهي نٿا سگهون . هي تہ فقط خدا تعاليٰ پنهنجا اسرار ڪائنات تي وچائي ڇڏيا آهن تہ سچا سورمان سڀ جو سچ ڏسندڙ، قاعدو ڪلي سرشتيءَ جي هر هڪ جزي مان ڏسن . سو پاڻيءَ جو وهڪرو آهي عمر جو وهڪرو . سو جيئن هو نہ پي جهلجي سگهيو تيئن هي بہ ڪيئن تيندو. ڪنڌيءَ ڪان جو پاڻي مانيٽو تي وهيو، انهيءَ مان سمجهيم تہ ٻاراڻي اوستا ۾ ائين ماڻهوءَ کي راند روند ۾ وقت گذرڻ جو پتو ئي ڪونہ ٿو پوي ۽ ماٺ ميٺ ۾ وقت لنگهي وڃي ٿو. حياتيءَ جي درياهہ ۾ جي اڳتي ويو ۽ نفساني خواهشن جي وهڪرن اچي ورايس، ۽ اڊنگن سڊنگن ٽپن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو ، تہ امڪان آهي تہ نفساني وهڪرا کيس پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڪنهن ٽڪر سان ٽڪرائي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏينس . سير تي جو نظر پئي هيم تہ اوچتو قوهہ جوانيءَ جو خيال آيم تہ هائو! هائو! جيئن حياتيءَ جو وچ جواني، تيئن درياهہ جو وچ سِير. سير ۾ پاڻي ڏاڍي زور شور سان پيو وهي ، آواز چوڏاري پيو پکيڙي . انهيءَ مان خيال آيم تہ سچ ڪين جوانيءَ جي وقت رت بدن ۾ پنهنجي پوري زور شور سان تنديون ڏيکاري وهندو آهي، تنهنڪري ان جو اثر ٻاهرين ڦرڻ ٽڙڻ تي پيو پوي . اتي عشق ۽ عقل جون لهرون اچي هٿين ٻجين پون، پوءِ جيڪو

ڏاڍو سو ڳابو. مگر انهيءَ هاءِ هوءِ جي آوازن جو پڙلاءُ هيڏي هوڏي وڃي وڃڻدو ۽ عالم ۾ ظاهر ٿيندو. جهڙي طرح سير جي لهرن جو آواز پرتي پيو پڌڻ ۾ اچي. انهيءَ زماني ۾ انهيءَ واڄٽ جو آواز ماڻهوءَ کي اهڙو ته ٻوڙو ۽ ٻي سمجهه ڪريو ڇڏي ، جو پنهنجي ٻيڙي ٻڏڻ ۽ ترڻ جو پتو ئي ڪونه پويس . تان جو اها دنيوي سير اهڙو چو چو ڪري ڇڏيس جو پوءِ پئي خبر پويس ، ته اڙي هي چار ڏينهن ڇا جا هوا! اهو ويلو هٿ نه آيو جو ڪٽي هوش اچي ها . جيترو ماڻهو وڏيڪ ڪم ۾ رڌل هوندو اوترو هن جو وقت تکو گذرندو. سو اهو ويلو ته آهي وهانو وڳي ۽ عيش عشرت جو. انهيءَ خيال ۾ مونکي وڏيڪ پري پيريءَ جي پنڌ ۾ نهارڻ لاءِ آنڌ مانڌ ٿي . اتي خيال آيو ته پيريءَ جي رنجهه ڪنجهه ڪانه ٻڌي اٿئي؟ اتي ڏسين ڪين ٿو ته سير ڪان پوءِ درياهه ڏيمي ڏيمي ٿو هلي . اها آهي حياتيءَ جي پيريءَ جي منزل . جنهن مهل پوئتي موٽڻ جو وقت آيو ته دم به پنتي هلڻ لڳا ۽ ان سان نبض به اهڙي . بدن جي ٻاهه ۽ رطوبت به گهٽ ٿي . انهيءَ حياتيءَ جي دوري ۾ سمجهه ، ٻوجهه ۽ ٻڌي سڌي سڀ پويان پير ونڻ لڳيون . سنج سيبئي ساڻ پر جوين ريءَ جڏا ٿيا . پوءِ وايون ٿيو ولڙيون ، ڍِڍر ٿيا ڍِرا ، ڇڪا پيا ڇڙي ، رڳي آنڌ مانڌ! " هيئن ٿو هٿ هٽي جڏهين آيس ڪال ڪرپال چوي". ڪري سو ڪري ڇا! پنهنجون اڳيون ڳالهيون ياد ڪريو پيو افسوس ڪائي! جوان مڙسن کي ڏسي اکين ۾ آب پيو آٽي . جڏهن هڪ پر تي آهي ته ٻيءَ پر جا ليکا ڏسڻ ۾ پئي آيا مگر هو جڏهن سير لنگهي ٿو تڏهن اهي ليکا صاف صورت وٺي ٿا بيهن ۽ جهڙا دليل هوندس ۽ سودا سمايل هوندس، اهي سمورا پنهنجون پنهنجون شڪليون وٺي منهن پوندس . اها آهي حياتيءَ جي حيرت! جو هو به هو درياهه جي علحده علحده وهڪرن جا وارا پئي منهن تي وجهي .

" برسر جويبار بنشين و گذران عمر ببين "

# دوست

انجيل مقدس ۾ لکيل آھي تہ ” خدايا! مونکي منھنجن دوستن کان بچاءِ! “ چوندا آھن تہ دل جي خبر ھڪ چوندڙ کي ٻي دلين جي مالڪ کي . چوٽيون ۽ ڪھاٽيون ٻہ وقت ۽ سمي سان پيون ڦرن ، خيال ۽ ويچار ھر ھڪ دور ۾ مختلف طرحن سان تا گھڙجن ۽ جڙن ، ھر ھڪ دين ۽ ڌرم ۾ الڳ الڳ پھاڪا ۽ اصطلاح پيا ايجاد ٿين . تنھنڪري راز ۽ لِڪ جي سٽا ۽ مامَ عام کي پئجي نٿي سگھي . پر تڏھن بہ ٿوري گھڻي غور ۽ فڪر کان پوءِ ڪن نڪتن تي روشني پئجي سگھي ٿي .

دنيا ۾ يار ٽن قسمن جا چيا وڃن ٿا . زباني ، ناني ۽ جاني . زباني جي نالي چيو وڃي ٿو ، تہ انھن سان مروت ، مھرباني ۽ خُلق سان پيش اچو ۽ ان کان اڳتي نہ وڌو. ناني کي ماني ٽڪر ڪارائي، مھمانداريءَ جا حق ادا ڪري ، خدا حافظ چئو ۽ جانيءَ جي مٿان سر ساھ صدقي ڪريو . ظاھر آھي تہ ايڏي ساري پاڪ آسماني ڪتاب ۾ ارشاد، پھرين ٻن قسمن جي دوستن لاءِ نہ آھي ، ڇا لاءِ جو اھو ھڪ ڪليل راز آھي ، تہ انھن مان لاڀ ليکي جي اميد  ڪانھي . پر ھيءَ منشا ۽ مراد ٽئين قسم جي دوستن لاءِ آھي جن جي سچائيءَ ۾ رتي ماتر بہ ڦير ڪونھي . پر اھي ڏاڍيءَ سادگيءَ يا محض بيوقوفيءَ کان اھڙو نقصان ٿا پھچائين ، جن جو ھنن کي خواب خيال بہ نہ ھوندو. اھڙا ماڻھو ٿوري ۾ ٿورو تہ پنھنجي دوست جي حد کان زياده ساراھ ڪري ھن لاءِ ٻين وٽان حسد ۽ ھوس جاڳائين يا گھٽ ۾ گھٽ وقت وڃائين . ھتي اھڙا چند واقعا ڏيڻ ٻي جا نہ ٿيندا .

مثلاً، ڪنھن وقت الف کي ڪاٿي تقرير ڪرڻي ھوندي . ب ھن جو خاصو دوست آھي . ھيءُ صاحب تمھيدي تعارف ۾ الف جي ساراہ ۾

ڏرتي آسمان هڪ ڪندو ، جو ٻڌنڌڙ ائين سمجهندا تہ ”اڳي ڪونہ آيو پير تنهنجي يان.“ وري الف يعني مقرر خيال ڪندو تہ ساراه جي پد ۾ پائي جي مقابلي ۾ ضرور ڳالهائي . پوءِ وينو سني ڳالهائڻ ۾ خيالن ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، تان جو خيالن ۾ اهڙو منجهي ويندو، جو جيڪي هونءَ چوڻو هوندس ، تنهن جو اڌ بہ نہ ڳالهائي سگهندو، يا تہ مورڳو هيسجي ويندو . مڙيئي اها فلڪ ڪانہ ڏيڪاريندو. اهڙا ڪئين واقعا ٿيا آهن .

ٻيو واقعو ملاحظ لاءِ عرض آهي . هڪڙي وقت مونکي ڪجھ لکڻو پيو، جو ڪتي پڙهڻو هو. سو سهي سنپيري وينس لکڻ ، ايتري ۾ هڪڙو صاحب لٿ زمين تي هٽندو، تو تو ڪندو اچي وارد ٿيو. مون سمجهيو تہ پهرين تڪي ڪير پري. هاٽي هي صاحب مٿو ڪائي ويندو. سو خوش خير عافيت

ڪري پني ۾ مس ڏانهن ڏنم. جنهن مان ظاهر هو تہ صاحب سمجهي تہ مونکي ڪجھ لکڻو آهي ۽ وڃي ٻئي ڪمري ۾ جائيتو ٿئي . پر هتي تہ هو، ” اڄ نہ اٿان سيان اٿان.“ ميرن ۽ پيرن جي ڳالهين ۾ اچي چٽو. چي عليمراد ڪون سڏاوي؟ اهڙو توبچي نہ ٿيو نہ ٿيندو.جيترا جانور لنگهندا اهي ماربا. هر هڪ لاءِ چئبو تہ هنڪي مٽ ۾ لڳي . هن ڪي ڪن جي پاڙ ۾ وغيره . بندوقن جو ڪرو اڳيان پيو هجيس . هڪڙيون پيون پرجن ۽ ٻيون پيون خالي ٿين . بندوق اڏيءَ تي آئي نہ آهي، عزرائل جانور ڪي سٽ ڏني نہ آهي! وار خالي نہ ويندو. لُڙهندڙ ڏيئي مان وٺ اڏائيندو هو! شڪاري پکي تہ پنهنجي ليکي، باز، باشا ، زرا ، شڪرا ، هر هڪ تي نظر هوندي ! ماءُ وري اهڙو نہ ڇٽيندي . شاه سائين پير بہ پير هئا! امير هئا! پنهنجو مٽ پاڻ هئا! سجو ڏينهن ڪچهريون لڳيون پيون هجن . هڪڙا اُٿن تہ ٻيا اچن ، پر پاڻ نہ ٿڪجن . وڏن جي ڪمائي آهه . لڏي ويا پر پوين ڪي اڏي ويا . مون بہ چگو وارو ونايومانس تہ ڪيئن مرحوم

مير صاحب ولر جو شڪار تڙ ۾ ڪيو. سٺ ھرڻ آيا تہ ھڪ بہ واپس نہ وريو! ورائي ھٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ سرڪار! ھن مڙھيءَ ۾ اھي ھرڻ ھئا . حضور جن ٻئي ھنڌ ويھن تہ ھي ٻانھو حاضر آھي . مير صاحب ڪيس ٥٠٠ رپيا روڪ عطا ڪيا ، لونگي پھرائي ۽ چيلھ سان ترار ٻڌائي . ھا سائين! ڏيڻ وارا بہ اتي ويا! غم ڪونہ ، خوشي گھٽي ، ھوس، حسد، نالي ڪاڻ نہ لھ . ست ۽ سيل، سستائي ڏس تہ ڏھين رپئي خرار، گيھ چارسير رپئي! گيھ بہ گيھ! گھڙين
پيو وڪامجي، چڻ چڻ رکيو آھي! پوءِ ماڻھن جون عمريون وڏيون ڇو نہ ٿينديون؟ خير مس مس خدا دل ۾ وڌس جو چيائين تہ سائين مان تہ وڃي ڪوٺيءَ ۾ تو اھلان . مون دل ۾ چيو شڪر ٿيو جند تہ ڇٽي .
اجا " صاحبو مان اوھان جو دل سان شڪر گذار آھيان جو " تائين لکيم تہ ڪڙمي آيو. چي سائين، اوھان جي پيرين پوڻ آيو آھيان . رسمي خوش خوش ڪري خبر چار لاءِ جيءُ چيومانس . چي سائين ڪير متو پيءُ .ڪمن ڪارين ڪي لڳا پيا آھيون . واتر بند ٿي پيو آھي، سو البت پوکن کي سوکھڙو آيو آھي . فصل بہ شڪر آھي چڱو موچارو ٿيو آھي . مڙئي ٻج پٽ لٿي چار داڻا بچندا . ھي چووايو ٿوري ڪس ڪندو . مھڙين لنبر مان لاھ ڪيي چڏيا اتم وغيره . مون پنھنجا احوال ٻن ٽپن ۾ ڏنا . پلا انگريزي دان چا چاڻن ، سوٽ بوٽ ۽ ڦٽي ڦوڪاري ۾ پورا . ھر ھر پيا عينڪ صاف ڪندا . مطلب تہ تيز ڪتل ، نظر چٽ ، ھڏائون پچرو ، تندي ۽ تيزي . خودي ۽ خوءِ ، دين ڌرم کان آزاد ۽ آوارو. خير اھو اٿيو، تہ پري سڌ ٿيو مانيءَ جو، خيال ڪيم تہ ماني کائي ، پوءِ تو ڪجھ رھڙي وٺان . ماني کائي بس ڪيم ، تہ چوکر چيو تہ ابا! ھڪ ماستر بيٺو آھي . مون سمجھيو تہ بہ ڪلاڪ چٽ . پلا ماستر ويچارا غريب! غريب جو ياڳ بہ غريب! بکيو شينھن سان گڏ کائي . ڪاٽيارا، ھٿ چيو نہ ڪن سو چا ڪن . اڄ ڪلھ ڏني جو پٽ چتو، ذات جو سکيو. اٽيي

سان پيٽ پرين پوءِ دماغ خالي نبل ۽ نستا. زور رکن ڳالهائڻ تي . سو نہ انجي ڳالھ مکي ۽ نہ جند چٽي . اج کلھ زمانو آهي ننڍ جو . قد ننڍا ، وار ننڍا ، قميص ننڍي ۽ سٿڻ بہ تختي ، سو مطلب بہ ننڍو هئڻ گهرجي . سو چا ڪريان؟ چوانس تہ بس نهيو! تہ بہ بد اخلاقي . خير ڏٺو ڏئي چيومانس تہ سياڻي آفيس ۾ ملنداسين . دنيا آهي ڪوڙ. سو جيسين ڪوڙ نہ ڳڌ ، تيسين سچار ڪونہ چويس . اگرچ سچ جي ٻيڙي لڏي لڏي ، ڪين ڪڏهن سا ٻڏي ٻڏي .پر اج ڪلھ جي چاليءَ دانا ديوانا ڪري ڇڏيا آهن! چون تہ سچ مرچان، ڪوڙ ڳڙ، پير پئسا، جوءِ گر.

سو ويهي دل ۾”شل اتي، شل اتي“ جو ورد ڪيم. ايتري ۾ هڪ زميندار دوست اچي سهڙيو. اسلام عليڪم، وعليڪم سلام! ڀلي آيا، سدا آيا، جيءُ آيا، نچ آيا! ماستر صاحب ڪي اتڻ لاءِ ڪافي سبب هو، پر وينو رهيو. نيٺ منهان لاهي چيومانس، تہ سائين سياڻي آفيس ۾ ملنداسين. خدا جا لک شڪر. اڀائي ڪلاڪن ڪان پوءِ اٿيو. پوءِ وڏيري سان خوشان خوش ڪيم. چي سائين!موٽر وني آيو آهيان. مرون جو الڙ آهي. هل سائين ڪتن جون ڀهڪارون تہ ٻڌ. بس سائين هنج ۾ ويهاري ڪارائجن. جيءَ ست انهن جا: جو نڪا ڪن هم نڪا ڪن تم، ڏو وجي منجھ پوندا. هنن جو مشاهدو تہ ڏس. مون چيو تہ سائين مونکي ڇڏ مونکي ڪجھ لکڻو آهي. چئو سائين! انهين ڪوڙين ڪاڳرين ڪنون ڪجھ نہ تيسين؟ چا ڪريان؟ ڪاڏي وجان؟ ڪيئن ڪريان؟ جنڊ ڪڻ تہ جنڊ ڳورو، ڳڙ ڪڻ تہ ڳڙ ڳورو.خدا جو نانءُ، قسم قران، زوريءَ وني هلندوسانءِ، ماڻهو چا چوندا تہ شاهہ نہ آيس، اها منهنجي گهٽتائي آهي. هي عزت جو سوال آهي. مار! اجان تہ ڪو ڪم ڪٽي ڪونہ آيو آهيان. ست پنڌ جي آهي، موٽر اڳيان بہ منٽ. رات جو بہ لفظ لکي ڇڏجانءِ. مهيم ڪي مٿو ٿورو ڏيٺو آهي. ڇڻ تہ ايندا پلوفيسل جو مڙس ڪي ويهي خيال ڪرڻو آهي. بابا! اصل نہ ڇڏيندوسانءِ. هل، نہ تہ ڳار ڪٽندس.

خير، ڦهردرويش برجان درويش. موٽر جهٽ ڪري ورتو. چڳو جو آيس. راڄ ماڙهن جا اکيون لاتيون بيٺا هئا. الڙ ٿيو پورو. مون موڪلائڻ جو خيال ڪيو. چيائين ته ائين وري ڪيئن ٿيندو؟ اڃان سُڪر سٽائي آهي. اَنن جا اگهه به چڱا آهن. لنگهڻ شل دشمن به نه وجي. بس ماني تيار آهي. ماني رڪجي وئي. ڏني ڍو ٿي ويو. اڇو ڀنو، ڪوفتا، ٻن ٽن قسمن جا ٻيا ڀوڙ، دولمو، تتر پڪل، چيلو سڄي ٿيل ۽ ٿهو اقراٽن ۽ ست پڙن جو، ٻه قاب قلاءُ ۽ دم پخت جا، چاشني، ڏوهو کير جو! مڙئي ڪائڻ وارا ٻه، هڪ مان ٻيو وڏيرو. مان ڪائڻ جو ڏچر، ماني ڪٽائڻ جي ڪانه، بس پناڻ ڪو منهن ڏيس! مٿان وري وڏيري جي پئي پوي سائين شڪ نه ڪجانءِ. ماني الله جي موڪ آهي. ڏٽي، دشمن، دوست، درند، چرند، پرند ۽ جيت جٽي ڪي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ روزي رسائي ٿو. سائين ڏٺو ڪين اٿو، ته ڪوريئڙي جهڙي ضعيف جيءَ کي سندس تاجيءَ ۾ مک کي ڦاسائي رزق رسائي ٿو. انجي انت جو پرو ڪونهي. ٻه ٿي گره وجهي هٿ ڌوئي موڪلايم. چيائين ته سائين فقير آيا آهن دس جا، ٻه ٽي ڪلام ٻڌي وڃ. هي ويچارا اسانجو نانءُ ٻڌي آسائو ٿي آيا آهن. هننجي دل به راضي ڪريو. جهنگ ۾ ٻي ڪهڙي وروڻه آهي؟ مونکي خيال هو لکڻ جو، سو آخر موڪل ورتم.

گهر آيس ته يارنهن لڳي ويا. ڏٺم، ته سڄ کي پتر هٽي سپ پاتي سمهي پيا آهن. منهنجي اچڻ تي جڻ ته هڪ سوپو ڪري اٿيا. هن مهل ڪانپوءِ پلا چا لکبو. اکيون ننڊ کان پوربيون پيون وجن. وينس ته جهوٽي سان مٿو وڃي ميز سان لڳو. اَن ۾ آهي نشو، سو وڃي هنڌ ۾ ڊنس. سڄي ڏينهن جو ٿڪ، ٻي ويهڪ. چيم ته سياٽي جا ياڳ سيان سان. اهي ٻه دوست آهن، جن جي سچائيءَ ۾ ڦير ڪونه آهي، پر منهنجي ناقص خيال ۾ ته هن دنيا دورنگيءَ ۾ هر قسم جا دوست بي بقا آهن. ٽنهنڪري،

” چاڪي وڃي چو، ٻيلي رهين ٻين جو،
وٺ تون ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو،
سهڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سان.“

هي مٿيون بيت ڪافي آهي. ڪنهن وقت مون هڪ ماڻهوءَ کي هينيون بيت گهٽي سوز سان چوندي ٻڌو.

”دل جو دلبر هڪڙو، گهڻا تان نہ ڪجن،
دل ڏجي هڪڙي کي، مر سوين سڏون ڪن،
اهي چلولا چئجن، جي در در لائن دوستي.“

هن صاحب شايد دنيا جي رهندڙن کي تنبيهہ ڪئي آهي تہ آواره گردي ڇڏي، مستقل مزاجي ۽ پائداري اختيار ڪريو. پر مان انجي معنيٰ اها ڪيندس، تہ يار اتي روحاني طرح خدا تعالىٰ کي ڪري وٺجي، يعني هنجي ياري ۽ ياوريءَ ڪانسواءِ ٻيو سڀ ڪوڙ ۽ بي سود آهي. تنهنڪري مان شاهه صاحب جي هينين بيت تي مضمون ختم ٿو ڪريان.

”ماڻهو گهرن مال، آن سڀ ڏينهن گهران سپرين،
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيو نام نهال، مونکي محبوبن جي.“

***********************************

# دنيا مڙيوئي ڏوڙ، ڏوڙ دنيا جي منهن ۾.

جهوناڳڙهه ڪاٺياواڙ ۾ هڪ رياست آهي. اتان جو نواب هڪ مسلمان آهي. سندس ماتحت ننڍيون ننڍيون گهڻيئي جاگيرون آهن. ڪيس ”سورٺ سرڪار“ به چوندا آهن. شاهه صاحب به سورٺ جي سر ۾ سورٺ، جهونا ڳڙهه ۽ گرنار شعر ۾ ڪم آندا آهن. جئن ته ” جهوناڳڙه جهرندو، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾.“ ”تيو غلغلو گرنار ۾، ته ڪو عطائي آيو.“ جنهن مان سمجهجي ٿو ته ان وقت ڪي هندو راءِ راڄ ڪندا هئا. هونئن سورٺ علائقو به آهي. جنهن ۾ جهوناڳڙه، پوربندر ۽ جيت پور به اچي وڃن ٿا. اتان جي وزير مرحوم بهاءُالدين پنهنجي نالي سان شاندار ڪاليج برپا ڪيو آهي، جنهن ۾ مسلمانن ڪان في وٺڻ ۾ نه ايندي آهي. اتي سستائي به گهڻي آهي، انڪري سنڌ جا شاگرد اوڏانهن به پڙهڻ ويندا آهن، مان به مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج جو پهريون سال اوڏانهن پڙهڻ ويس.

ڪاليج شهر جي قلعي جي ٻاهران آهي. اوپر ۾ گرنار جو جبل اٿس، جنهن جي ٻئي پاسي گير جو ٻيلو آهي جتي ڪيهر، ٻيلائي ۽ چيتا رهندا آهن. انهيءَ گرنار جبل جو نالو داتارآهي. گرنار جي چوٽي تمام اوتاهين ۽ سمنڊ جي متاڇري ڪان اٽڪل ميل ڪن مٿي ٿيندي. ان جي چوٽيءَ تي وشنو مهاراج جو پڳ آهي. جبل جي لاهين، پاسن، پلون ۽ دامنن ۾ ڪيترائي مندر آهن. واٽ تي سوين، هزارين پانڊيڙا، زيارتي ۽ ياتري، جوڳين جو درشن ڪرڻ، مندرن ۽ ڏيورين ۾ مٿو ٽيڪڻ ويندا آهن. انهن جي سک ۽ سهوليت لاءِ جناب نواب صاحب پٿر جا وڏا ۽ ويڪرا ڏاڪا ٺهرائي ڇڏيا آهن. جي تخميناً اٺ هزار ڪن ٿيندا. اهڙي طرح داتار تي وڃڻ لاءِ پنج هزار ڏاڪو ٿيندو.

شهر ۾ ڏسڻ جهڙيون جايون، محل ۽ ماڙيون وغيره ڏسي، هڪ ڏينهن خيال ٿيو، ته جيڪر داتار جي زيارت ڪريون، سو پنيرڪي جو ٻه چار ڄڻا گڏجي نڪتاسين. واٽ تي چرچا گهٻا ڪندا، راڳ روپ چوندا، جهنگ مان پانت پانت جا وڻ ٽڻ، پکي، پرند ڏسندا اچي ڏاڪڻ جي هينين ڏاڪي تي پهتاسين. ڏاڪڻ جي ٻنهين پاسن کان اهڙي ته ساوڪ لڳي پيئي هئي، جو ان جو اچو پٿو هڪ عجيب زيب رکيو بيٺو هو. آخر ڪُجھ وقت کان پوءِ ڪنڌ ورائي ڏٺم ته مار! جهوناڳڙهه جو شهر مورڳو اکين اڳيان پيو نظر اچي. تنهن کان پوءِ جئن اڳتي مٿي چڙهندو ويس، ته شهر ننڍي گولي وانگر پيو اکين اڳيان ڏيکارجي. خير اچي چوٽي تي پهتاسين. اتي سخت بارش سببان پير جي آستاني اندر پناهه ورتي سين. مجاورن چڱي ڪيڪاري، چڱي توجهه سان چانهه پياري تازو توانو ڪيو. اتي ڪونيءَ ۾ غار ڪانسواءِ پيو ڪجهه ڪونه هو. چون ٿا ته ”پير صاحب جن دنيا جي ڏوڪي، فريب، ظلم ۽ تعديءَ کان تنگ اچي، جئن غار ۾ غائب ٿيا، تيئن وري ٻيهر ٻاهر نه آيا“. اتاهون موٽڻ تي جئن لهندو آيس تئن اک شهر ۾ رکندو آيس، جو ويو تي وڌندو ۽ وڏو ٿيندو. ۽ نيٺ اچي منجهس پيس. ڪاليج ۾ آرام وٺي، شام جو شهر ۾ گهمڻ نڪتس. ماڻهن جا هشام لڳا پيا هوا، هرڪو پنهنجي رنگ ۾ رنگيل ۽ مستيءَ ۾ مست. ”پادشاهان مال مست و ما غريبان حال مست.“ ڪي اميريءَ جي عياشيءَ ۾ ته ڪي فقيريءَ جي فاقه ۽ فڪر ۾! هرڪو ڪنهن نه ڪنهن چاهه ۾ چريو! هٻس ايڏي جو هيانو پيو منجهي. ڪٿهين قرار نه اچي. ٻوسٽ ۽ سوڙهه ايڏي هئي، جو ذري گهٽ ماندو ٿي ويس. اتي خيال آيم ته جي ماڻهو ٻاهر ٿو رهي، ته روح کي وڌيڪ راحت ٿي اچي. ڇو جو روح جنهن جي معنيٰ واءُ آهي، سو ضرور بند رهڻ پسند نه ڪندو ۽ هميشه پيو مٿي چڙهن لاءِ اچلان ڪائيندو ۽ آزاد ۽ وائکي رهڻ لاءِ واجهائيندو. هاڻ دماغ ۾ آيو، ته فقير ۽ ساڌو جي ٻاهر

ڪٿيائون ٺاهي دنيا جي ماڻهن سان گهٽ واسطو رکڻ چاهيندا آهن، سو به شايد ان ڪري جو اهي مٿين ڳالهه ڏيان ۾ رکن ٿا. جئن شهر کان ٻاهر فرحت هئي ۽ شهر مان جئن ماڻهو مٿي چڙهندو ٿي ويو، ته شهر ننڍو پئي نظر آيو، تيئن جي ماڻهون دنيوي دز ۽ ڌوڙ کان اکيون صاف ڪري، قلب تان ڪوڙ بدوڙ جي ڪس ڪوري، منزلون طي ڪري مٿي ٿيندو ويندو، ته دنيا جا وهنوار ڪيس اکين اڳيان اجا ڪارا پيا نظر ايندا. پوءِ جئن ماڻهو هوائي جهاز ۾ مٿي ويندو آهي، ته آدمي ڪڪڙين جيترا ڏسڻ ۾ ايندس، ۽ آخر مٿي ٿيندي هيٺ رڳو اونده انڌوڪار، مٽي، خاڪ ۽ ڌوڙ جو غباري گولو ڏسندو. جو وجي نيستي نموني بيهندو. تيئن اتاهون دنيا ۾ مڙئي ڌوڙ ئي ڌوڙ ڏسبي.

اهڙي صورت ۾ ڪاملن ۽ ولين جي نظر ۾ جو دنيا ڌوڙ آهي، سو به ائين آهي، جو جڏهن سندن روحاني منزل اتم ۽ اعليٰ پد تي ٿي پهچي.

"مٿي ويئي من مون، سامي ممتا مل،
آتم پد اچل پرچي لڌو پاڻ ۾."

سياڻن دنيا کي هڪ رنگين خواب ڪري ڪوٺيو آهي. جو اک کلڻ سان ڪجهه ڪونهي. هيءَ دنيا رڃ مثل آهي، جنهن جي مرگهه ترشنا ۾ ڪئين چڙيون هٽي مري ويا. هن جو ظاهر خاصو ۽ باطن راسو آهي. هي مصيبت جو ميل ۽ درد الم جو گهر آهي.

يا الله! تون دولتمندي ۽ دنيا جي مستيءَ کان پناهه ڏي! هيءَ هڪ اهڙي مستي آهي، جو ان ۾ ويران ٿيڻ مهل، تمام دير سان سجاڳ ٿبو آهي. هان! پنهنجيءَ مستيءَ ۾ مست رک. آمين.

************************************

# فلسفہ موت

سوال ٿو اٿي ته جيڪڏهن موت نه هجي ها، ته جاندار مخلوق ڪهڙي شمار ڪي پهچي ها؟ هي سايون ﭘنيون، گهاٽا جهنگ، ڪليل ميدان ۽ ماڙيون، مطلب ته رستا ۽ سڙڪون به ماڻهن سان ڀرپور هجن ها. جو پير پائڻ جي جاءِ نه لڀي ها. سرنهن جا داڻا ڪٽي ڦٽا ڪجن ها، ته اهي به جيڪر ماڻهوءَ تي ٻيهي وڃن ها. ذرتي ويچاري داڻن جي شڪل لاءِ پيئي سڪي ها.

سڀ ڪنهن هنڌ جهوپڙيون ۽ جايون نظر اچن ها. جي هڪ پاسي حيوان بي زبان بي شمار ڏسجن ها ته ٻئي پاسي ماڻهو به پنهنجي ڳاٽاٽي ۾ گهٽ ڪين پون ها. ڪراڙا، جوان، ٻارڙا زالون. بس رلهي ڪلهي تي الهه واهي. جتي رات پيئي اتي گهر. سياري ۾ ته ڪڪڙين جي ڪڏين جيترين ڪڏن ۾ سر لڪائي سمهن ها ۽ ڪرونڊڙا ٿي پون ها. اهڙا عاليشان محل ۽ ماڙيون، باغ ۽ بنگلا ته خواب خيال ۾ به نه اچن ها ۽ شاهي سڙڪن جو ته ڪو نالو ئي نه ٻڌجي ها. رڳي پير واٽ هجي ها. اهڙي گهمسان ۾ جي ڪو اڪيلائي پسند ڪنڌڙ آدمي پنهنجي لاءِ جاءِ ڳولي ها، ته وڻن جي چوٽين ۽ جبلن جي قوتين ۾ اڪ رکي ها. مگر اتان! پکي پرند، جيوجنتر، ڊورڊڳا ۽ چرنده درنده ڪيس تڙي ڪڍن ها. بادشاهن ڪي صلح سانت ۽ بندوبست قائم ڪرڻ لاءِ، هلندڙ زماني ڪان ڪئين بار ڪروڙها رپيا وڏيڪ خرچ ڪرڻا پون ها. پاٽيءَ تي پهرا ٻيهي وڃن ها. باھ لاءِ باھ ٻرٽين جي اٽاٽ ڪري آدمي هڪ ٻئي ڪي چڻن، ڦاڙين، ٻارين ۽ ساڙين ها. پوري صاف هوا نه ملڻ ڪري مريضن جا بسترا ڏينهون ڏينهن ائين وڌن ها، جو جڻ ماڪوڙين جي ڏر تي پاڻي پيو. مزو وري اهو جو نه مري ۽ نه وري چاق چڱو ڀلو ٿي منجو ڇڏي.

زمين جي تنگي، ٻنيءَ ٻاري ڪان تنگ ٿي پوي ها. مگر جي ڪا ٽولي ارهه زوري ڪري ٻج ٻه ڪٽي ڇٽي ها، ته ديري ڪٽڻ ڪان اڳ، هزارين ٽوليون ماکڙ وانگي اچي ڪڙڪن ها. پوءِ فصل ته فصل جي ماڳ، پر ڪين ٻه جيڪر سڄي لڳين ڪين ڇڏين ها. جهنگلي جانور پنهنجي ليکي ڏند ڪرٽيندا اچن ها. مطلب ته اهڙو گوڙ گهمسان مچي وڃي ها، جو ڪئين نندڙيون حڪومتون انهيءَ دز ۾ دز ٿي وڃن ها. هزارين نه پر لکين، انهيءَ انساني جنگ جي آهيءَ ۾ اچي وڃن ها. ڪڏهن انسان حيوانن کي ماري ڊيڪائي ڪدن ها، ته ڪڏهن وري حيوان ٻه پنهنجي حملہ ۾ انسانن کي ٻه ٽي قدم پٺتي هٽائين ها. مطلب ته ڏهه ويهه اهڙيون جنگيون لڳي وڃن ها.

پوءِ آخرڪار ٻن ڇئن صدين بعد ضرور ساٽا ٿي پون ها. منهن پيلا ڪري ضرور نهراءَ جي ڳالهه ڇون ها، ۽ چار چڱا ڳڏجي ڏرين کي سرچائي پرچائي ڇڏين ها. واپار ٻه زور، محبت ٻه وڌون وڌ. ٻيا سرير، جن ڪئين زمانن ۾ دورن جون هوائون ڪاڏيون هونديون، سي ٻه لٽ ٽي ٽيڪ ڏئي ترن ڦرن ها. باغ باغيچا، بنگلا بستان وري نئين سر شروع ٿين ها. مگر آدم ذات جي ٻارن جي واڌ جنڙن جئن پئي وڌي ها، ته وري جاءِ جو مسئلو پيدا ٿئي ها. ڪڏ ٽي ڪڏ ٻه ڪيترا نهندا. پوءِ ته ڪڻ ڏندو، ته لاهيون هڪ ٻئي جو ڪندو. ماڻهو جيئڻ ڪان عاجز ۾ آتا! وڙهن ۾ جنگ ٻه نه ڪٽن، جو انهيءَ جنجالي جيئڻ ڪان جند ڇٽي پوين. پوءِ ته ڪوهن ۾ ٽپا ڏين، درياهه ۾ پاڻ اڇلائين، جبلن ۾ وڻن جي چوٽين تان پاڻ کي ڪيرائين ۽ ڏکهي حياتي کي ضرور گناهه سمجهن. دنياوي ڏنڊن ڪان ڪيئن آجا ٿين. رات جو رات ۾ ڏينهن جو ڏينهن هر ڪنهن کي پنهنجا پنهنجا خيال ۾ ڪتڪا هوندا. ڪن ويچارن کي اولاد جي لاغرضيءَ ۾ بي پرواهيءَ جا پٽڪا. نوڪر مالڪ جي زور زبردستيءَ جي مصيبت ۾، ته وري مالڪ نوڪر جي بي خياليءَ ڪري اوسيڙي ۾. غريب ويچارا هڏ ڳسائي روئڻ

۽ روڄ ڪي وٺي وهن ها. بيمارن ڪي سالن جا سال هنڌن تي سمهندي لسڻ لڳي وڃن ها. ڪهڙي ڳالهه ڪجي! ڪهڙو پاسو ڪٽي ڪهڙو بند ڪجي! جنڊ ڪڻ تہ جنڊ ڳورو، پڙ ڪڻ تہ پڙ ڳورو.

تڏهن قدرت کي ضرورت ٿي تہ هڪ اهڙو ناظم پيدا ڪري جو مخلوق کي پوري طرح آرام ۽ آسائش پهچائي. اڻ سهائيندڙ ۽ اڻ سهو صدمن کان ماڻهن کي بچائي ۽ اهڙن ارادن ۽ خيالن کان باز رکي جي دين ڌرم ۾ بہ بي جا نظر اچن. انهيءَ ڪري حياتيءَ سان موت ۽ ان جا پار پيدا ڪياءِ. جهڙوڪ آخري پساهن مهل سڪرات ۾ ماڻهو جي حالت، مائٽن جو دان ڪرائڻ، قرآن بخشائڻ، عزيزن ۽ دوستن جو روڄ راڙو ڪرڻ، سينا سٽڻ ۽ متا ڪٽڻ، ڪفن دفن ڪرڻ يا سنسڪارڻ. اهي سڀ خداتعاليٰ انسان لاءِ پيدا ڪيا تہ ڪي زنده انسان مئن جي مرڻ مهل ۽ مرڻ کان پوءِ حال ڏسي، ڪجهہ سکن ۽ سبق پرائن. سڀ کان سخت غم دنيا اهو آهي جو موت مٿي تي اچي بيهي ۽ نيڪيءَ جو نالو ئي نہ لهہ، هٿ مهٽيندو رهہ.

ياالله! تون منتظم حقيقي آهين! جيڪڏهن تون موت پيدا نہ ڪرين ها تہ انسان ڪيترن مصيبتن کان تنگ اچي ڪفر ٻولي ها ۽ ڪي جو ڪي بڪي ها. غنيمت انهن ماڻهن لاءِ آهي جي قبر جي گهري ننڊ ۾ ستا پيا آهن. مگر زبان سان چئي رهيا آهن.” اي بندا جنهن کي تون حياتي سمجهي آهي، اها جهان جي خواهشن جو قيد آهي، مگر جنهن کي تو موت سمجهيو آهي، سو پورو پورو حياتيءَ جو مقصد ۽ مطلب آهي“.

************************************

# خيالات

بادشاهه حقيقي! تو بشر کي کهڙي باهه مان ڪڍي، کهڙيون تانوٽيون ڏئي، کهڙو ٺاريو، کهڙو پاٽي ڏنو، کهڙو نپي ناهي، ناهه نوهه مان ناهيو، جو نہ تڏي سهي نہ ڪوسي! ڪڏهن تہ انسان جهڙو تہ ڪڏهن حيوانن کان بہ پري. ڪڏهن تہ اکين ٺارڻ گچين هار، تہ ڪڏهن حيا سوزڻ مڪار. پاري وانگر پيو پاسا ورائي ۽ شڪليون وٽي، ڪاٿهين ٽڪاءُ ڪونہ، ڪاٿهين قرار ڪونہ! ڪڏهن صبرڪان ڪم نہ وٺي، ڪڏهن بردبار ٿي بار نہ ڪٽي، اٿلو پنهنجو بار پيو ٻين تي رکي ۽ اڇلي.

بادشاهه ازلي! تو انسان کي دادلو ڪري پاليو، تڏهن پيو اهي ڪٽ مستيون ڪري! تو ان کي ملائڪن کان سجدو ڪرايو تڏهن پيو اهي ارڏايون هلي. افسوس! هن نہ ڄاتو ۽ نابڪار دنيا تي سيس نوايو. تو ان کي اشرف المخلوقات ڪري ڪوٺيو، مگر شرافت کانہ ڏيکاريائينءَ ضرور شروآفت ٿي رهيو. تو ان کي محبت جو پتلو ڪري پيدا ڪيو، مگر هن ان بي بها چيز جو قدر نہ ڪيو. سندس اک دنيائي ٻتن تي آئڙي.

تڏهن شاهد لامڪانيءَ شاهه لم يزلي! تون پنهنجي شاهي ڏيکار، اسانجي اوٽاين ڏي نہ ڏس، تون پنهنجي شان کي ڏسي اسانجي شرارت درگذر ڪر. اسان تنهنجون املهه امانتون صحيح نہ سڄاتيون. لعلن جي لالاڻ تي لالچجي لياقت کانہ لڌي سين. ڀلا اسان فاني چيز، تو محبت جهڙي باقي چيز جو بار ڪيئن ڪٽي سگهندا هئاسين؟نہ، نہ، تنهنجي آر اسانکي ائترو ڪيو، تنهنجي ڀلاين ڀلايو، تنهنجي مدد اسانکي منو، تنهنجي انگلن ڪڻن اسان کي آزاد رکيو.

”رحمت تيري ني مجهکو گنهگار کر ديا“
”کر مهائي تو مارا کرد گستاخ“

هاءِ! اسانجي خيالن ۾ خمار آيا نہ تہ اسانکي ڪهڙي مجال جو تر جيترو بہ سينو ساهي سگهون ۽ توسان قد ڪچون ۽ برميچون. تون اک چنبي ۾ الٽ پلٽ ڪري ڇڏين. اها سڀ تنهنجي ننگداري آهي، اسان نانگن کي نانگو نتو ڪرين. اهي سڀ تنهنجون پلايون آهن جو برن کي برو نتو ٻڌائين. تو پرده پوش جي عالي سرڪار ۾ سيڪو ڏکيو گهمي. اهي اسان آهيون جو هڪ ٻئي کي سهي نٿا سگهون ۽ پيا مڇيءَ مان ڪندا ڪيون. تڏهن، ياور حقيقي!! اهڙي ڪن ڪان آجو ڪر، اوڪيءَ ۾ اولو ٿيءُ، تک تيز ۾ ترهو ٿي پنهنجي تاريءَ تڳاءِ. ڪنهن کي ياراٽي جو تو جهڙي ياوري ڪري؟ ڪنهن کي مجال جو تو جهڙي مدد ڪري؟ هان! اڻ ڏني، ڳجھ ڳوھ ۾، سڏ ۾ ساٿي، هڪل ۾ حامي تون ئي آهين. بشر ويچارو بيوس ڇا تو ڪري سگهي. ان کي ڪهڙي پيئي، جو ڪنهن لاءِ هن اونهي اجهاڳ سمنڊ ۾ چڙو تختو بہ نهي پوي.انسان ڪنهن جي تر جيتري سهي نٿو سگهي، رڳو پيو پچاري. مگر تون! تہ تنبو ۽ ترهو ٿي وچ سير ۾ ڪکين هئين ڪارين ۽ ڇڇيءَ هئين ڇجن وارن لاءِ حياتي ٿي تو نهي پوين. مگر، رهنما حقيقي! اسان ڪافر نعمتن تنهنجي بن کي بالائي طاق رکي، پنهنجي اصلي طاقت ۾ فنا ڪئي سي. اسان ڪان تہ ڪجھ نتو اڄهي. تون سيڪار، تون من ۾ وجهہ تہ اسانجو هيئون دنوي حيرتن ۽ حيرانين ڪان هلڪو ٿئي. فاني چيز جي روج راڙي، رنجھ ڪنجھ، رسڻ رسامي ڪان باز اچي تنهنجي راحت تي روح ريجهائي ۽ رنگ رچائي، دنيائي دني جي هڻ هڻ ڪان پاسو ڪري، تنهنجي تڻ تڻ ڏانهن تيار ٿي، تنهنجي مشغوليءَ ۾ رهي، رضا تي راضي رهي، موت فانيءَ کي مات ڪري، حيات جاودانيءَ جي تات ڪري اهنج اوکايون سهي، صبر سان سر تي ڪٽي، هٿ هاج ۾ ۽ دل يار ۾ ڪري، قدرت جي ڪرشمي کي ڏسي ان مان سبق پرائي ۽ ان جا راز پروڙي، تنهنجي ياد سان شاد رهي، اصل چيز کي آباد ڪري. قيامت جي ڊپ ڏاءَ کي پيش نظر

رکي، دنيا ۾ ڏپ ڏاءَ سان هلي. قيامت جو پچاڙو دل ۾ رکي هت هت پرورڙي پير پائي، يک دل يگانو ٿي توکي ساري، ته سڀ کم پار ۽ مشڪل آسان، اها آهي بشارت هن بندي لاءِ.

**********************************

# دل جا دليل

هاءِ! مان توکي گل ڇو ڪيئن چوان؟ گل ته ڏسندي ڏسندي ڪومائجي ٿو وڃي. صبح جو ٽڙي ٿو ته شام جو سڪي وڃي ٿو. بهار ۾ ڪنڊن سان چانيو پيو آهي. ماڻهو ان کي هڪ هڪ ڪري پٽيو پيا وڃن. هن ويچاري جي زندگي ته ماڪ جي بوند وانگر گهڙي پلڪ آهي. ڪهڙو غضب! گل ته هرجائي به آهي، پر تون ان کان بلند ۽ بالا آهين.

مگر مان توکي چنڊ به ڪيئن چوان؟ چنڊ ته داغ دار آهي. هن غريب کي ته فقط هڪ رات جي ڪماليت نصيب آهي. گدا آهي، پينو آهي، جو سج ڏانهن روشني وٺڻ لاءِ هٿ ڊگهو ڪرڻو ٿو پويس. واهه! تون ته هميشه سخي ۽ فياض آهين.

سج به ڪهڙي منهن ڪونيانءِ! اهو به سخت اُلي وانگر ڏنيي پيو. هر ڪنهن تي تتو بينو آهي. هنڪي ڪڏهن ڪڏهن گرهڻ لڳڻ جو به عارضو آهي، مگر تنهنجي ڏسندي ته نيڻ به ٺري ٿا پون. جيءَ کي جياپو ملي ٿو، دل کي فرحت اچي ٿي، جو تون ڪلمڪ ۽ خنده پيشاني آهين.

توکي ڏئي جي تمثيل ۾ به ڪڏهن آٽي نتو سگهان. بتيءَ جي توسان ڪهڙي برابري؟ شمع شرم کان ڳوڙها پيئي ڳاڙي. هن ويچاري جي روشنائي پڻ ٻئي جي هٿ وس آهي. پر هاءِ! تون ته چشم ڪور کي روشني بخشيندڙ آهين. ڏئو پاڻ ٻري ٿو، جلي ٿو، ڪامي ٿو، اندر ڪارو اٿس. مگر تون! تون اندر اجارين ٿو. تنهنجي ڏسڻ سان سيني ۾ سرور سمائجي ٿو. دل دل ۾ پنهنجي اصلوڪي جاءِ نهرناپر سان وني ٿي ۽ قلب کي قرار اچيتو. هن جي دل هٿ جي دونهين ڪري ڪاري آهي ۽ هميشه ٻت جو ٻت ٻٽيو بينو آهي. نظر ڪبس ته اکيون خراب ڪندو.

مگر تنھنجو سينو بي ڪينہ، پاڪ ۽ صاف آھي. جو فقط نرمل نيڻ ڪٽڻ سان بھشت جي دري کلي ٿي پوي.

يلا تون ڪير؟ ڪھڙن سھرن سان توکي سينگاريان، ڪھڙو نانءُ وٺي توکي ھر ھر سنڀاليان ۽ پنھنجي دل کي ڌيرج ڏيان؟ حيران، پريشان، سرگردان، ڪھڙو مثال وٺان؟ اھڙي تہ چيز ئي ڪانھي جا تنھنجي جاءِ پري، مٺُ ٿئي، ثاني سڏجي، ھمسري ڪري، من جو مونجھارو لاھي، اکين جو ٺار ٿئي، دکيل درديلي دل جي دوا ٿئي، زمين تي! نہ نہ،

” چہ نسبت خاک را با عالم پاک “

تون! تون لاثاني آھين. تون ئي آھين جنھنجي آسري جيان ٿو. جنھن جي نانءَ تي نھال، باغ بھار رھان ٿو. تنھنجي نالي ڳنھندي مکڙي اميد جي ٽڙي ٿي. نہ تہ سڄي رات تارن ڳڻيندي گذري ٿي.

” تکيندي تکي پيام تارن ۾ تارا “

بيتاب، بيقرار، پاسن قيرائيندي، اوباسين ڏيندي، شب دراز، بنا ڪنھن محرم راز، گھڙيون گھڙيون، پھر پھر، پلڪ پلڪ ڪري پيو ڪاٽيان. نہ اٿندي آرام، نہ وھندي آسائش، نہ گھمندي راحت، نہ سمھندي فرحت. آرام مڙيوئي حرام، ڇا جو طعام، ڇا جو ڪلام؟ نہ گفتار، نہ رفتار. ائين دل پيئي چوي تہ ڪو اچي تنھنجي ساراھ ۾ گيت ڳائي، تنھنجون نراليون ڳالھيون ٻڌائي تہ ڪجھ آرام اچي.

اف! ڇا ڪريان؟ رات گذري ويئي، پرھ ڦٽي ويئي! پکي پرنده منيون منيون لاتيون پيا لنون. ڪھڙيون لاتيون؟ سڀ تنھنجي ساراھ، تنھنجي سڪ. دل بي چين انھيءَ خيال تي ئي بيٺي آھي! ماڻھو ڪمن ڪارين لاءِ اٿيا، پر مان بيقرار، ھر دم يار تان نثار، نسورو نينھن ۾ نروار، ٻت ڪان بيزار، انھيءَ خيال ۾ ٻت ٻٽيو بيٺو آھيان، تہ تون ڪير؟ ھاءِ! تون ھن جھان ۾ پر جھان ڪان جدا. وقت جي واري ۾ اڻ والاريل،

جاين جي جڙت ڪان ٻاھر، تون گوھر پاڪ، زيور پاڪ، جان جھان، ماه مھمان، سنسار تنھنجي سير واسطي آباد، آدم زاد تنھنجي ديدار ۾ دلشاد، ۽ رخ واسطي مشتاق.

تڏھن تون ڇا؟ مرشد حقيقي! انھن لفظن تي مون ڪنڌ ڪنيو. تہ مار! ڪڪر ڪڪوريل آھن، بادل بھاريا بينا آھن، ٿوري ٿم ٿم پيئي ٿئي، جو اوچتو سنگتي ساٿي گھمڻ لاءِ ونڃ آيا. ڪو چلڻ ۾ چست، ڪو مدھوشيءَ ۾ مست، ڪو ڪل ۾ ڪيڪو، ڪو چرچن ۾ چور، ڪو پوڳن ۾ پوررڙو، تہ ڪوئي ڏناسريءَ جي ڏن ۾، ڪو وات ڦاٽوڙو، ڪو چلولو، تہ ڪو سودائي سخت. مگر مان پنھنجي آه زاريءَ سان ھينيان لفظ پيو چوان.

” يا رھبر رحماني! يا مرشد حقاني! ھن بندي کي جھان جي جنجلن لاءِ ڇريو ڪري ڇوراءِ، مگر پنھنجي لاءِ سياڻو ڪري سنڀال.“

************************************

# دلبر ۽ دنيادار آهن اڪ ڍيڪڙي

دنيا ۾ دلبر بہ رهن ۽ دنيادار بہ. ٻنهي جي ڪارنامن ۽ ڪمالن سان دفتر ڪارا آهن. سڀ ڪنهن ائين سمجهيو هوندو تہ ٻئي الڳ ٿلڳ آهن، ٻنهي جو هڪ ٻئي سان ويجهو يا ڏور جو ڪوبہ لاڳاپو ڪونهي، پر هتي روزمره جي روئدادن مان ڏيکاريندس، تہ دنيا جو حسن ۽ ان جي دنيا هڪ آهي. انجا حسين ۽ دنيادار بہ هڪ وجہ ۽ لهہ جا آهن، انهن ۾ ڪوبہ ڦيرو ڪونهي.

پهرين ڳالهہ تہ سيڪو سهٽو سڏائڻ بہ چاهيندو تہ دنيادار بہ، يعني انهن ۾ ڪي عام ذاتي ڳالهيون آهن جن لاءِ سيڪو پيو سڪي. ڪا تہ ليءِ ۽ نشو آهي، جنهن ڪري جيڪڏهن ڪو حسين ۽ دنيادار نہ آهي تہ بہ حسينن ۽ دنيادارن جي درشن ۽ ملاقات لاءِ پيو واجهائيندو ۽ نالي ٻڌڻ لاءِ ڪن ڪڙا ڪندو. ڪا تہ ضرور ڪشش آهي، جيڪا ايڏي اڻ تڻ ۽ انتظار پيدا ڪري ٿي. زبان ۾ ڪئين اهڙا محاورا آهن، جي رڳو عضون سان فعل ڳنڍڻ سان نهيا آهن، يا صرف انهن عضون جي نالي سان معنائون ڪڍيون ٿيون وڃن. هاٽي جنهن صورت ۾ ٻنهي ڪي انساني جامو آهي، ان صورت ۾ اچو تہ ٻنهي لاءِ ساڳين محاورن ۽ عضون جي پيٽ ڪريون.

انساني صورت مٿي ڪان پيرن تي پوري ٿيندي آهي، تنهنڪري پهريائين مٿي ڪان شروع ڪرٽو پوندو.

هي ٻئي صاحب دماغ رکي چاٽن. جي دماغ نہ رکن تہ پوءِ انهن لاءِ ايترو شرف ۽ شوق ڪيئن هجي. دنيادار بہ هنڌ هنڌ پيو هلندو، تہ پوءِ ان مان کهڙو سود! ڪو ڪونہ ليکيندس، نہ تہ هونئن سوين سلامي پيا ٿيندس. حَسين بہ هر جاءِ هوندو، تہ ڪير اک کڻي بہ نہ نهاريندس. پر هڪ

جاءِ جهليو ويٺو هوندو، ته هزارين هڪيا حاضر هوندا. گل ڪي به جيڪا سونهن ۽ سوڀيا، حسن ۽ هٻڪار چمن ۾ هوندي سا بازار ۾ نه هوندي. انهن کي دماغ به هوندو آهي، جي دماغ نه هجين، ته جيڪر دنيادار نوان نوان طريقا پئسن ڪمائڻ جا ڪيئن ڪيڏي سگهي. گڏي ڪا والارٽي ڪانه اٿس، مگر وسائٽي اٿس. پئسي مان پنج پئسا ڪيڍا اٿس. نيون دماغي چالاڪيون پيو ڳوليندو ته ڪيئن آفيسرن کي خوش رکي، مروت حاصل ڪري، روپئي مان ڏهه ڪري، ڏيساور وڃائي، ملڪان ڏيهان نالو نروار ڪري. مطلب ته ساندي وانگر ست رنگ پيو ڪندو. هي سپ دماغ آهي. هو بد دماغ به آهي. ذرا سندس مرضيءَ موجب ڪم نه ٿيو ته بس! پوسرجي ويندوءِ ليڪو لنگهي ڪي جو ڪي چئي وجهندو. انهيءَ نموني دلبر به نئين قسم جون دلبريون پيو ڳوليندو. ڳاهي وار گهنديدار ٻڌائي، گهندين ۾ ماڻهن کي وهي وانگر پيو لٽڪائيندو. ” تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين، مان نه رڳو.“ ته ڳاهي چتا چوڙي ” سر سونهين پوشاڪ گلابي موهيو مسيءَ ۽ پان “ڪري پيو هلندو.

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،

جهڙا پاتن پن، تهڙيون شالون مٿن سايون. ( شاهه )

هو زاهد به يا ته فقير بيدل وانگر منهن لڪائي هلن يا ته زهد جي تسبيح کي زنار ٻڌائي نڪري نروار ٿين. اهي دلبا دلاسا، مڪر فريب ڪريب، اهڙا ڳولي ڪيندو جو. ” ساچي ڪو جوٺها کهي “ وارو معاملو ٿي پوي. سيڪو پيو پنهنجو پنهنجو سمجهي، مگر نه منهنجو نه تنهنجو، رڳو هوندو پنهنجو. ۽ بددماغ به اهڙا آهن، جو ذرا ذرا ڳالهين ۾ زون ٿي وڃن. بس ايري الهي جو انهن تي. ڪيترا انهن جي گهور ۾ گهائجي وڃن، چشمن چالي ۾ چيرجي وڃن. اوهه! اوچي ڳاٽ اچن، ته نيچا ٿي نون. ڪئين آس پائي اچن، ته نراس ٿي وڃن. مطلب ته:-

هوئين برباد لاکهون آرزوئين،

تمهاري ايک چھوٽي سي "نهين" سي.

جئن حسين جي هڪ نظر سان ڪئين نوازجي وڃن ۽ دل گھريا دان وٺن، تيئن دنيادار جي هڪ اشاري سان گدا مان شاھ ٿي وڃن. جئن سھڻن جي چپ چورڻ سان ماٺھو گد گد پيو ٿئي ۽ پنھنجا چوڏھن طبق روشن سمجھي، تيئن دنيادار جي هڪ لفظ تي سون جون صدائون پوريون ٿين. جيئن حسين جي دست بوسيءَ لاءِ هزارين انتا اونتا ٿي ڪرن، تيئن دنيادار جي هٿ وٺڻ لاءِ بہ ڪئين آتا آهن. ڪئين ٻنهي جي هٿ هلائڻ سان سڀ سک پائن، ۽ ڪيترا انهن جي دستگيريءَ لاءِ خواهان ٿين. جئن حسين جي قدمن جي ٿور ۽ تلڻ تي ماٺھو اکيون پايو بينا ڏسن، تہ ڪي پت ٻڌجي وڃن، تيئن دنيا دار جي قدمن تان قربان پيا ٿين، چاڪاڻ تہ سارو جهان ڪاري ڪوجھي دنيادار ڪي سانورو سڏي، انهيءَ جا عيب، ثواب ڪري وٺي، مثلاً، پتي ڪيڏڻ ڪي ورونھ ۽ وندر،۽ شراب خوريءَ ڪي غم غلط ڪرڻ سمجھي، هان! انهن جي وعده ڪي وسيلو وٺي، انهن جي ڪفر ڪي اسلام سمجھي.

" ڪفر گيرد ڪا ملي ملت شود،
هر چہ گيرد علتي علت شود ."

اهڙيءَ طرح دلبر بہ جيڪي ڪري، سو نسورو ناز ۽ جيڪي چوي سو سيتارامي سون. پوءِ توڙي هجنس دل ۾ هزار حيلا ۽ حرفتون. انهن جي گفتار ۽ رفتار ڪي ڪير روڪي ۽ ٽوڪي.سوين بيدم دم ۾ دم ڪدي چڏنس. ٻنهي وٽ ڪنهن چيز جي ڪمي ڪانہ، بس جتان تتان ماٺھو پيا تتن، پئسا پيا پاٽيءَ وانگر هارجن. مطلب تہ لهٽي وارا رلي وڃن ۽ هي صاحب جا سنواريا پيا پرجن. آخر تہ انهن تي خدائي راز ۽ راضپو آهي، تنهنڪري سيڪو پيو سربراهي ۽ سرخروئي ڪري، نہ تہ ڪو غريب ۽ ڪوجھي سان تہ بہ لفظ ور ڪري ڳالهائي. اهو ويچارو ڳالهائيندو تہ ٻوٽ چبو ڪري جواب ڏيندس. پر هنن سائن سان تہ تون

سائين وينو آهين! انهن صاحبن جو ڪتو مري ته ماڻهو عذرخواهيءَ لاءِ ور ور ڪري پيا ويندا، پر پر پاڙي ۾ غريب مري، ته سندس بيوهه زال کي پرچاڻي به ڪو مشڪل ڏئي.ڪنگال ۽ ڪارو ڪوجهو جو ٿيو، ان ۾ ٻئي ڪنهنجو ڪهڙو مطلب؟ مطلب ته دنيا مطلبڻ ۽ مطلب پرست!

هاڻي سڀ ڳالهه ڪي ڇڏي، ٻنهي جي دل تي ٿا اچون. دنيا جا ماڻهو دلبر کي ڪافر دل، سنگدل وغيره وغيره چون، مگر موم دل ڪنهن ڪونه چيو.ڪافر ان کي چئبو آهي، جو ڪنهن جو احسان نه مڃيءَ سچ کي لڪائيندو اچي. سنگدل چئبو آهي سخت دل کي، جنهن جي اڳيان ڪوبه آزيون نيزاريون ڪري روئي رڙي، دين دنيا لٽائي، ڪامي پڄري، پچي، مري، ته به ڪرم ۽ رحم بدران ڪل ۽ ٺهڪ ٻڌي، ۽ چٽرون ۽ چڙٻون سهي. اف! ڪاڻيارو جو ٿيو ۽ محتاج بندو! دلبرن جي اهڙي روزانو هر ڪو عاقل بالغ ڏسي ٿو ۽ اهڙا ڪرشما ۽ کيل پڙهي ۽ پسي ٿو. اهي ماڻهو ساڳي وقت روئائن به ۽ کلائن به. پر دنيا دارن کي ڪن پاپيو هوندو. ”هردو دنيادار جو، پاهڻ ڪان به پري.“ مشهور چوٽي آهي. هتي ان کي ڪولي لکان ٿو. هي سدا سويارا مال مليدا ۽ ست رڇون ڪائيندا ته بڪئي کي لوڏي ڪيندا. پاڻ ڪرسي ۽ لقب وٺڻ تي لڪ لٽائيندا، ته ڪنهن گهرجائي سان اهڙو ڳالهائيندا جو پل نيڻ نير وهائيندو رهي ۽ ڏهه ڏهه ڳوڙها ڳل تي ڳاڙيندو رهي. شاديءَ تي دف، دهل، طائفا ۽ ناچو هوندا ۽ منيون پري پئسن جون اڇلائيندا، ته هوڏانهن ڪو شاديءَ لاءِ چار ڏوڪڙ گهرندن ته چوندس، ”شاديءَ جو ڪهڙو ضرور؟ تو جهڙا ڪئين آيا ڪئين ويا، تون به هڪڙو.“ پوءِ پل چا به ڪري، دين ڌرم جي خلاف ڪن ته ڇا؟ ٻين جا لوڙها ٽپن ته ڇا؟ انهن جي اک سور، ڪافر دل ۽ سنگدل جو ٿيا. خدا جي نالي پئسو گهرندن ته منهن ڦيرائي چوندا ته اهو ميان نڳ آهي. مگر اهو خيال نه ڪندا، ته خدا تعاليٰ اسانجون نڳيون، ڪارمهايون، خواريون ۽ خرابيون ڏسي به اسان کي ماڻ پيٽ ڪان

قبر جي ڪنڌيءَ تائين روزي ۽ رزق رسائي ٿو. ۽ اسان ان جي عطائن جي ڪرب ۾ ڪرب پٽي ٻه خيرات ڪري نٽا سگھون، تہ ٻه ويهي وات هٽون! افسوس!!

خدايا! انهن بي ديدن کي ديد ۽ دل ڏي، تہ داداگيريءَ کان باز اچن. اي الله سائين! تون اهڙن دنيادارن ۽ دلبرن کان پناھ ڏي. داورا! پنھنجي دادلن جي صدقي، پنھنجي درد جو قطرو عطا ڪر تہ دل جي دنيائي ڏوڙ دفع ٿئي ۽ قلب منور ۽ ايمان ڪامل رهي. آمين!

************************************

# بيبي نند سان ٻہ اکر

رات جا ڏهہ لڳا آهن. اکيون نند سان گهوماٽيبيون پيون وڃن. اوچتو دل ۾ خيال آيو تہ اڄ بيبي نند سان ٻہ چار ڳالهيون ڪجن. امان نند! تون روز پئي پنڌ ڪرين، اچين ۽ وڃين، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺي هجين، مگر مان هرگز تنهنجي شڪل ڪانہ ڏٺي آهي. جڏهن تنهنجي اچڻ جو وقت ٿئي تہ سمهي پوان ۽ اک کولڻ سان غائب ٿي وڃين. گاهہ گاهہ جاڳڻ وقت بہ تہ اچ، تہ تنهنجي انهن نشي دار نيڻن ۽ موهڻي مورت جو درشن ڪريان. اها بہ خبر ڪانہ ٿي پوي تہ ڪٿان ٿي اچين ۽ ڪاڏي ٿي وڃين. مگر اهو سو پتو پيوپوي تہ چانهہ ۽ سگريٽ ڪان بچان لڱندي اٿيئي، تنهن مان اهو انومان پيو ڪيان تہ ولايتي پتلي بہ نہ آهين.

تو ۾ بہ چار خاصيتون ڏاڍيون چڱيون آهن جو تون ٿڪن ماندن سان حتي المقدور همدردي پئي ڪرين. ٻارن کي ماءُ جي جهوليءَ وانگر لولي ڏيئي پئي سمهارين ۽ جنهن مهل ماڻهو سمهن تہ انهن کي مزي مزي جون آڪاڻيون ڪٽي پئي ٻڌائين، وري کي تہ تو ۾ خرابيون بہ آهن، جو تون خوشيءَ ۾ خوش رهين ۽ دک ۾ دور. تندرست ۽ نوجوانن کي تہ هر هر تنوار ڏئي پئي تاڻين. پر ويچارن ٻدن ۽ بيمارن وٽ تہ ليئو بہ نہ پائين. تنهنجو رعب ايڏو آهي جو جنهن وٽ ويٺي هجين تہ ان ڏانهن ماڻهو پبن تي پيا هلن ۽ چپن ۾ پيا ڳالهائن تہ متان ڪو آواز ٿئي ۽ اڳلي جو آرام ڦٽي ۽ توکي خلل رسي.

تون معشوقن جي اکين ۾ ويهي انهن کي نند اکڙيون ڪري نشيليون ۽ خوبصورت بنائين.

ماڻهو انهن کي "نيم باز نيڻ" ڪري ڪوٺين. تو ۾ هڪ ڳالهہ عجيب آهي، جو تون غريبن سان غريب ٿي رهين، چالاءِ تہ نہ گرميءَ

ڪري گرم مزاج رکين ۽ نه مچرن کان منهن موڙين ۽ نه وري منگهڻن کان پري رهين: مگر اميرن جي دروازن تي ته ٿلندي ٺمندي هڪ قدم تي سؤ سؤ ناز، جو پير پائڻ سان چوٽي وجي آسمان سان لڳي. ٿوري گرمي زياده ٿئي ته بس پڪي يا خس ٽٽيءَ کان سواءِ اڪ نه ڏيکارين. مچرن جي آواز کي ته پري کان پئي ڪنائين. ٿورڙوئي پٽڪات ٿيو ته ڳولي نه لڀين، پتو ئي نه لهه. اجهو هتئون وئي، اها وئي!!

الله! تنهنجيون ريتيون، رسمون ۽ شوخيون شرارتون به قهر جون آهن. مان ويچارو بتيءَ اڳيان پيو تنهنجي تعريف لکان ته تون هورڙيان هورڙيان پير پير ۾ پائيندي، سُرندي ۽ سرڪندي پئي اچين. اجا ٿورڙو ئي چُريس ته وئي ڙي وئي! نڪو پير نه ڪر!!

اجهو وري اهو شرارتي شيوو اختيار ڪيءِ، مذاق ئي ڪر، مگر اها چنچل چال ۽ البيلي اک ته ڏيکار! لاحول ولا قوة! وري اها ئي ڳالهه!! خير تون اچ به لکڻ نه ڏيندينءَ. خير جتي تنهنجي مرضي. تون...............تون................ ختم ڪر.

***********************************

# جي نوٽن جو مينھن وسي تہ.

دنيا ڪي سياڻن جيجل ماءُ ڪري سڏيو آھي، يعني تہ دولت منڙي امڙ مثل آھي. ماءُ ان ڪري ڪيس ڪوٺيو ويو آھي، جو ڪنھن ڪي جيڪو ماءُ پيار ڪري ٿي، جھڙو گھڻو گھري ٿي، تھڙو نہ پيءُ نہ چاچو نہ ياءُ نہ پيڻ. بلڪ زال، جنھن ڪي پنھنجو " بھتر اڌ " ليکيو وڃي ٿو، اھا بہ اوتريءَ ڪڙيءَ تي نہ ٿي پھچي، پر وري ماءُ جي مھر ۽ محبت ڪي زور ونائڻ لاءِ جيجل ماءُ سڏيو ويو آھي: يعني ماءُ تہ ٿي ماءُ، پر جي ڪا ھزارن لکن ۾ ڏائڻ صدقي ڪئي، نڪري پوي، تہ ان ڪي بہ الڳ ۽ علحده ڪري منڙي ماءُ سان خصوصيت ڏني ويئي آھي. پيغمبر اسلام عليہ السلام ماءُ جي پيرن ھيٺان جنت جو ھجڻ فرمايو آھي، تئن ھن جيجل ماءُ وٽ بہ ھيرون ۽ حورون حاضر آھن. تريءَ تي بھشت ڪري ڏيکاري، پر جي اھا امان رسي وڃي تہ منور شاھ واريون ٻڙيون! سيڪو شڪاريءَ (پينگي) وانگر پري پري ۽ چو چو پيو ڪندو. زال جنھن سان عمر جو پلوءَ اٽڪيل ھوندس سا بہ ڳچ مانيءَ ڦٽو ڪري ويندس.

خير ماھيءَ جا لال پيا آھن، جن لاءِ ملڪ وسي پيو. ٻج ڪوٺي ڪانھي. پر گھڻو ڪري ۽ اڪثر ائين آھي. ڪلھي ڪانڊي بہ شل ڪو تئيس. اھڙو ماڻھو جنھن ڪي پئسو ناھي پلي، تنھن ڪي پل پل پيا پور پوندا. درياھ جي لھرن وانگر ھڪڙا پيا لھندا ۽ ٻيا پيا چڙھندا. حسرتن ۽ ارمانن جي ڪنن ۾ پيو ڦيريون پائيندو ۽ ٻڏندڙ ماڻھوءَ وانگر گاھي ھيٺ گاھي مٿي پيو ٿيندو. اھڙو ماڻھو ھڪڙي ڏينھن شوڪارو پري ٿڌو ساھ ڪڍي پيو چوي، ”ھاءِ! اڄ ڪو نوٽن جو مينھن وسي!“ ڪاملن چيو آھي تہ " ڪا مھل ڪنھن نہ جھڙي " ڪي گھڙيون مقبول ٿينديون آھن جن ۾ جيڪي گھر سو ملي، تنھنڪري ھميشہ ٻنيھن ڏندن مان خير گھرجي ۽

سنو ٻولجي. بس هن جو چوڻ ڪو اگهي ويو جو جان ڏسي ته ٻاهر جهڙ ٿي ويو. هي ويچارو اڳيئي ڪٽل، ڪنگال ۽ مفلس، سو سندس تمنائن جا ڦٽ ڦاٽي پيا، آرزوئن جا چاڪ چڪي پيا ۽ ارمانن جا ناسور رسي پيا. جهڙالو هجي پئسي سان. پوءِ ته موالي ۽ مشتاق، " گهرڙ گهوٽ تنهنجو اجهو تنهن جي اوٽ " جي صدا هڻي، ڏاڍيون پيتيون الوٽ ٿي پيا گهمن. يا ته ڪن وٽ وري دارون نڪري وجن، ٻڪريون پيون سيخ ٿين ۽ طنبور پيا چڙن. سو هي ويچارو اهڙو سمو ياد ڪري، ذري گهٽ هوش ڪان نڪري ويو ۽ وات مان نڪتس:-

" زندگي گر اس شڪل سي گذري غالب،

هم ڀهي ڪيا ياد ڪرينگي، ڪ خدا رکهتي تهي "

توبه! آدم جو ٻچڙو نه ڪوسي سهي نه ٿڌي.

" سردي سالم نه رهان، گرميءِ رهان گداز."

پريو به روئي ته سگهٽو به. چڱائي توڙي لڱائيءَ ۾ ڪي جو ڪي ٻڪي وهي. ڪفر ۽ اسلام جو سَنڌو ڪونه رکي. هي ويچارو وٽ وينو ڪائي. ايترو ۾ خيال آيس، ته پلا نڪري ٻاهر ويهان. من ڪو نصيبن سهڻو لانگهائو ٿئي! من ڪو منو ۽ سريلو آواز ڪن تي پوي! ڪنهن نه ڪنهن نموني اندر جي اداسي دور ٿئي. ائين ڪندي ٻاهر آسمان ڏي نظر ڪري ته ڪڪر نوٽن جا نهي آيا آهن. اکيون مهٽي وري وري پيو ڏسي ته ڪيس دوکو ته نه ٿيون ڏين. بس! ڪڪر پيا هلن، ڪي رپئي جي نوٽن جا، ڪي پنجين جا، ڪي ڏهين جا. مطلب ته هر رقم جي نوٽن سان ڪڪر ڪڪوريل ڏسڻ ۾ پيا اچنس. پو ڪان ٻئي ڪان به نه پيو پچي، متان " چريو چريو " ڪري چريو ڪري ڇڏينس. ماڻهو هميشه جي عادت موجب " پيج مولا چاندي ڪا گولا " پيا چون. ايتري ۾ ماڻهن جون رڙيون ٻڌائين. اڙي نوٽ! اڙي نوٽ! پوءِ ته ماڻهو، زالين مڙسين ۽ ٻارين ٻچين ٻاهر نڪري، قدرت جو ڪرشمو پيا ڏسن. ڪڙپيل پوڙها به

لٽ جي ٽيڪ تي ٻاهر اکين مٿان هٿ ڏئي پيا ڏسن ۽ سائينءَ کي پيا ساراهين. مطلب تہ هر انسان ضروري غيرضروري ڪم ڇڏي، هي نظارو ٻيهي پسڻ لڳو. ڇا جو رڌ پچاءُ ڇا جو هلڻ چلڻ، ڪم جو ٿيو پلو. ماڻهن جو رڙين مٿي رڙيون! اڙي اهو سو روپئي جي نوٽن وارو ڪڪر شل هتي وسي، تہ ٻڪ ڀڃي پوي! او خدا! ايڏانهن نہ موڪل. اهي ڏاول اٿيئي. پريا پيا پربا. مطلب تہ اک آسمان ۾، ۽ من مايا ۾. ڪڪرن جي ڇرپر تي ماڻهو بہ پيا هلن. پوءِ تہ ڪن انڌ ۾ ڪڏن تان ڪري عضوا ڀڃايا، ڪي ڪڏن ۾ ڪريا، ڪي ڪوهن ۾ گار ٿيا، تہ ڪي وري هوس جا ٻندا درياهہ ۾ گهڙي پيا، تہ مٿان اتي ڪو ڇچڪو ڏيئي وجهي، تہ ڪي جهٽي ونون، ڪن پوتيون پٽاري وڏيون، تہ ڪن ڌوتين جا پلو ويڪرا ڪيا. پر جيڪي ڪريا، ڏڪيا، ضربيا ۽ غوطن کائڻ ۾ رهيا، انهن جي دانهن هيٺ دانهن مٿي لڳي ويئي. پر ٻڌي ڪير؟ هر ڪو مايا ۾ مست. توبہ! نفسانفسي لڳي ويئي. ڪو ڪنهن جو ڪونہ ٿئي!

ايتري ۾ ٻُٽ لٿي، واءُ جو جهلڪو لڳو ۽ وس شروع ٿي. بس پوءِ تہ ويتر ماڻهو تيارين ۾: هاڻي ماڻهن کي اچي زوري دماغ ۾ ويٺي. سو ڪي بندوقون پرڻ لڳا، ڪي رائيفلون ڪڍي وينا، ڪي پستول تيار ڪري وينا، ٻيا وري لنيون، لوڙهيون، ڪهاڙيون، ڏنڊا، ڏڪا، گهوٻاٽا ۽ سرون گڏ ڪندا رهيا. هر ڪو پنهنجي حد ۾ مهاڏو ناهي ٻينو. شاهوڪار وري ماڻهن کي ڪي جو ڪي ٻاسي وينا، ڇي ميان پلا اڌ تنهنجو اڌ منهنجو. تون ئي راضي ٿيءُ. ڪامورا قاعدا ۽ قانون جاچڻ لڳا، تہ ڪيئن رستن ۽ گهٽين ۾ ڪريل نوٽ پنهنجا ڪريون يا سرڪار کي رسايون. زميندار مهاڳ جاچڻ لڳا، غريب ويچارا ڏسندا رهيا تہ من انهن ڏاڻن جي اک ڪان بچي، من ڪو نيساري ۾ رهجي وڃي، شل ڪو موريءَ ۾ اٽڪي پوي! ڪو ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪنهن ڪان ڪٽڻ وسري وڃي، تہ ڪو ڏينهن پيٽ ڀري سکي سٽيي، ستابي روٽي کائون. هان! الله لوڪ

مشڪندا رهيا! پوءِ سائين ٽولين جون ٽوليون نڪري پيون. بندوقن جا فير، ڏنڊن جي ڌمڪ، ماڻهن جو ريهون ۽ ڪيهون، فرياد يا رسول الله! رس پير دستگير! واهگرو! هري برهما! گهوڙا ڙي! الاڙي! وغيره!! ان سان گڏ لاشن جا ڍير ۽ رت جا ريلا، قيامت جو نظارو! سيڪو پيو قلي وانگر ٽپي. ڪو ڪنهنجو ڪونه. ڦورن ماڻهن جا گهر اهڙا ٻهاريا، جو چڻ راتاهو اچي ويو. لڄون لڪائڻ، ننگ ناموس ڍڪڻ، پاڻ بچائڻ، ان مهيءَ لوڙ ڪي منهن ڏيڻ! ماڻهو الامان الامان ڪرڻ لڳا. ڏاڍو سو گابو! ڪٿان ويچاري سسي ڪيڏي ته متان متان تي وڃي. اڇيئي تي ڪنڙو پڇجي پاسو ڪجانءِ. ڪن حاسدن حسد وچون ڪٽي تيلي ڏني. چي ڪو ڪونه ڪٽي، مايا اچٽي وڃٽي آهي. ڪڏهن ڪنهن جي ڪانهي. پئسي ڪي آهن پر ۽ پير، سو پل ته ڪنهن جو ڪونه ٿئي، سڙي خاڪ تي وڃي. هاڻي هڪ پاسي ڪان باهه، ٻئي پاسي ڪان قتل عام. ماهي پنيان ماهو، چڻ بادشاه گردي تي وئي. ڪنهن کي سرت ڪان! ڪنهن کي هوش ڪون! تان جو باهه پنهنجو ڪم تمام ڪيو ۽ ماڻهن پنهنجو خاتمو ڪيو. پوءِ چا رهيو، جنهن تي وڙهيا ٿي.

مطلب ته اهو غريب ڪنهن ڪاري هينان ويهي، اهو خونخوار ۽ خونريز نظارو ڏسندو رهيو، ۽ چوندو رهيو ته اي الله سائين! اسان جي زبان مان اهو ڪجهه چواءِ، جنهن ۾ پنهنجوءِ پرائو خير هجي. اي الله سائين! تنهنجا رنگ نيارا آهن. تون انهيءَ مينهن جي ڦڙيءَ مان موتي ناهين، مهراڻ پرين، پٽن پٽ پهرائين، ماڻهن متان ڏولائي جا ڏينهن لاهين! اسان کي کهڙي مجال، جو تنهنجي ڪئيءَ ۾ درڪ ڏيون. خير مهر جو وسائين! آمين!!

***************************************

# اندلٺ جو ارٿ

موڪل جي مند، مينھوڳي موسم، دل فارغ، ” نہ ڪس ڪا لينا نہ ڪس ڪا دينا. “ ڏندم، مشتندم، ڪٺ تي طول وھاٽو ٽيڪ ڪيو وينو آھيان تہ املاڪ جيءَ ۾ جاڳيم تہ جيڪر ٻاھر نڪري ٽڪرين جو سير ڪريان! ڪوٺ ڪلھن ۾، محو خيالن ۾، پانت پانت جو ڳالھيون دل ۾ ڪندو ھلندو رھيس. مينھن وسي رھيو ھو، وڻن ٽڻن ڪي رنگ جو نئون ھٿ اچي ويو ھو جو سڀ پي ٻھڪيا. ڪنھن مان جھرڪين جي جھرمر، تہ ڪٿان ڳيري جي ڳٽڪار. مطلب تہ طرحين طرحين قسمن جا آواز شام جي مھل ڪي ھڪ خاص قسم جي سازن سرودن سان سينگاريل مجلس ٻڌايو وينا ھئا. ٽڪريون بہ ڌوپي ڌوپي صاف ٿي پنھنجو اصلوڪو رنگ ڪڍيون بيٺيون ھيون.

ھڪ ٽڪريءَ تي چڙھي نظر ڪيم تہ اوچتي اک اندلٺ تي پئي. دل جھلي پڇيومانس تہ پيڻ تو مان اسان ڪي ڪھڙو فائدو رسي ٿو، ڪھڙو سبق پرائي ٿا سگھون؟ تون تہ فقط جدا جدا رنگ ڏيکاري رھي آھين، جي جيڪر ماستر پنھنجن ننڍڙن چوڪرن ڪي وٺي اچي ڏيکاري ۽ سيکاري. ٻيو ڇا؟ منھنجي انھيءَ سوال تي مشڪي چيائين تہ ڳالھ ڪين ٻڌي اٿئي تہ ھي جيڪي دنيا ۾ ڏسي رھيو آھين تن مان ھر ھڪ مان ماڻھوءَ ڪي سبق سکڻ گھرجي. ڇا تارا، آسمان، ڌرتي وغيره وغيره. مون دل ۾ ويچاريو تہ فائدا تہ فطري شين ۾ آھن مگر انھن ڪي ڏسي سبق پرائڻ تہ مان ھن جي واتان ٿو ٻڌان. اجان ايتري ۾ ھوس تہ ادي اندلٺ جا مونکي غور سان نھاري رھي ھئي، تنھن ڪي اھا ڳالھ ڪڪي سو مونکي چيائين تہ ادا ويھ تہ مان پنھنجي سموري حالت ٻڌايانءِ. چيائين تہ ڏس مان سج جي روشنائي آھيان. مون ۾ اصل سڀ رنگ ذاتي مليل آھن

مگر منھنجي اڳيان سنھي پردي اڇڻ ڪري رنگ رنگ ظاھر ٿيو پون. مان بہ وري انھن رنگن سان شامل آھيان. جيئن ھڪ جو انگ سڀ ڪنھن سان شامل آھي جو جيڪڏھن ان سان ضرب يا ونڊ ڪبي تہ انگ اوتري جو اوترو رھندو.

جئن جو مونتي رنگين قالب آھي مگر اصل ۾ روشنائي آھيان، تئن آدمي بہ اصل ۾ نُور آھي ۽ فقط ان تي رنگن جو قالب چڙھيل آھي. اھي رنگ سڀ انھيءَ بيرنگيءَ جا آھن " يار رنگيلو ھڪ رنگ نہ آھي ڪوڙين رنگ سندس ڪيئي." جيئن منھنجي رنگن توکي مائل ڪيو تئن دنيا جا رنگ بہ توکي ڇڪين ٿا مگر تون اصل کي وٺ ۽ ڪوڙن رنگن تي روح نہ ريجھاءِ.

عشقھاي ڪز پيءِ رنگي بود
عشق نبود عاقبت ننگي بود

جئن منھنجي زندگي فقط بہ ٽي گھڙيون آھي. زندگي بہ وري کھڙي، رڳي رنگن واري: ۽ اھي رنگ غائب ٿي وڃن ۽ انھن جي اصلوڪي روشني اتي رھي، تئن اسانجا رنگ بہ اھي رنگ فاني آھن، ۽ سندن اصلوڪي روشني يعني روح بقادار آھي. ماڻھو رڳو رنگن تي ريجھي موھت ۽ مستانا ٿي ٿا پون ۽ پنھنجي اصلوڪي ذات کي وساري ٿا ڇڏين.

سو توکي گھرجي تہ عارضي رنگ ڇڏي ذاتي رنگ سان ھم رنگ ٿي ۽ ان ۾ فنا ٿي ھڪ ٿي ڏس تہ تون انھيءَ ذات جو ھڪ جزو آھين. تڏھن چوندو تون انھيءَ ۾ گم ٿين جو ھڪ سڏجڻ ۾ اچين.

جيڪڏھن ھن جھان ۾ اچي توسان پليتي شامل ٿي تڏھين بہ ڇا؟ ڏنو ڪين اٿيئي تہ گڏھ جڏھن لوڻ جي کاڻ ۾ پوندو تہ آخر ڳري اھو بہ لوڻ ٿي ويندو. تڏھن تون بہ سيبئي سڳ ڇڏي، لاڳاپا لاھي، ھڪ منو ٿي

رنگ روپ پاسيرو ڪري، هڪ ڪرو تي اصلوڪيءَ روشنيءَ سان روح رلاءِ.

سندس چوڻ چيي ويو، سو امالڪ چيومانس ته ادي تو ۾ ته عقل جا ڪوٽ آهن. مان ته جيڪر روز اچي توڪان ڪي پرايان. چيائين ادا! لک بسملاهيون ڪري سيڪاريانءِ پر اچڻ تو ٺئي قسمت قضاني. وري جڏهن آيس ته چار ڳالهيون ڪنديس.

اهو آواز منهنجي ڪنن ۾ سمايوئي ڪين هو جو هوريان هوريان ادي اندلث جي عماري هلڻ لڳي. هلڻ هاري چيائين، ” هي هنئين سان هندائج: ٻاهرين ڏيک ويک ڪي ڏسي نه هرڪج، مک وانگر ماڪي ڏسي نه ڦاسج. نوان نوان نمونا نهار پر اندر ۾ جهاتي پاءِ ته:- تون جوئي آهين سوئي آهين.

’ نائي نيڻ نهار ته، تو ۾ ڏيرو دوست جو‘
چڱو پلا هاٽي الله جي امان

*************************************

# ڪاري عينڪ

ڪو بہ انسان پاڻ وٽ حسن ۽ عقل جي ڪمي نہ سمجهندو آهي، ۽ انهن جي ڏيکاءَ لاءِ سوين سٽائون سِٽيندو آهي، ۽ نوان نوان نمونا ڳولي ڪڍندو آهي. پنهنجي سونهن جي داغن ۽ عقل جي اوڻاين کي لڪائڻ لاءِ لکين يتن ڪندو ۽ پاڻ پتوڙيندو آهي. پاڻ کي سياڻو ڪوٺائڻ لاءِ ڪئين پستڪن جون پنارڪون گڏ ڪندو، جبا ۽ قبا پهريندو، مگر

اين سعادت بزور بازونيست- گر نہ بخشد خدائي بخشنده.

۽ وري پنهنجي صورت کي سينگارڻ لاءِ سوين فن ۽ هنر هلائيندو آهي.

آڳاٽي زماني ۾ زالون منهن کي اتو زور سان ملي ۽ مهٽي، منهن ۾ سرهائي ۽ لالائي پيدا ڪنديون هيون. اکين ڪارائي ۽ آب لاءِ سرمون ۽ ڪجل ڪم آڻينديون هيون، تہ چپن جي لالاڻ لاءِ لالي ۽ مساڳ، ۽ ڏندن جي اجاڻ لاءِ مساڳ ۽ مسي ۽ وري وارن لاءِ تيل قليل ۽ ڪپڙن لاءِ ڪتوري ۽ عطر عبير. ايران ۾ هار سينگار ۽ ڦٽي ڦوڪاري لاءِ خاص زالون هونديون هيون، جن جو ڪمال نہ رڳو حسن کي دوبالا ڪرڻ ۾ هو پر عيبن کي لڪائڻ ۾ بہ. مثال لاءِ تہ، جو حسن جو شان آهي، جنهن لاءِ شاعرن فرمايو آهي تہ ” هي ڪهڙو نہ عجيب آهي جو دارو جو داڻو باه جي مچ تي بينو آهي.“ سو جي منهن تي ڪونهي، تہ پوءِ اهڙو هترادو ناهي بيهارينديون هيون، جو ماڻهو پنيلجي وڃي. هتي مونکي اهڙن استادن جي ڳالهہ ياد آئي آهي، جو لڪڻ ڪان دل نٽي رهي ۽ اميد تہ دلچسپيءَ ڪان دور نہ رهندي. اڳ جڏهن سفر جا يو پلڪارا ۽ ڪنن ڪشالا هوندا هئا، تہ بادشاهہ ۽ امير پنهنجن نقاشن ڪان پنهنجون تصويرون چٽائي، پنهنجي جيس ۽ جوڙي جي ڳولها ۾ پرڏيهہ موڪلائيندا

هئا. اهڙي طرح شهزادين ۽ اميرزادين جون تصويرون به وينديون هيون. جيئن خسرو ايران جو بادشاهه شيرين جي تصوير، جا هڪ سوداگر وٽس آندي هئي، ڏسي اتس پرپٽ عاشق ٿي پيو ۽ ڪيس شاديءَ لاءِ پيغام موڪليائين. پر ڪن وقتن تي شاه ڪاريگر اهڙي طرح عيب ڍڪي ڇڏيندا هئا، جو استاد به ڏوڪو کائي وهندا هئا.

ڪنهن بادشاهه جي ڳالهه ڪندا آهن، جو اک کان ڪاڻو، هٿ کان لولو ۽ ٽنگ کان منڊو هو. پر هيو بادشاهه. اچي شاديءَ لاءِ شائق ٿيو. شادي به مٽ خاندان مان. پر هي عيب جي چغل ٿيا بينا هئا، تن کي چا ڪري ۽ ڪيڏانهن ڪري. سو پنهنجي بادشاهيءَ ۾ پڙهو گهمارايائين، ته جو شخص منهنجي اهڙي تصوير ڪيندو، جنهن ۾ اهي ظاهري عيب ميٽيل ۽ ميساريل ڏسڻ ۾ اچن، سو منهنجي خزاني جي اڌ جو انعام حقدار ٿيندو. ڪئين نقاش مانيءَ مثال اچي ڪنا ٿيا. پر سڀ شهه کائي بينا. ڪنهن جي ڪوڏي ڪانه ڦرڪي، جو سينو ٺوڪي، سندرو ٻڌي، ڏونري تي هٿ هٽي، اچي ميدان ۾ ٽپو ڏئي. پر چوندا آهن ته ٻج ڪوٺي ڪانهي. ماهيءَ جا لعل گهٽائي لڪل پيا آهن. ڪڪ هيٺان لڪ وسي. استاد جي جاءِ به ڪڏهن خالي ڪون هوندي آهي. سو هڪڙي کي ڳالهه خيال ۾ ويني. تصوير ڪڍي پيش ڪيائين. سيني طرفن کان واه! واه! ۽ سبحان الله جا آواز نڪتا ۽ قبوليت جي درجي کي رسي. پر ڪيئن ڪيائين جو بادشاهه کي شينهن جي شڪار جي موقعي ۽ مهل ۾ بيهاريائين. بندوق هٿڻ مهل شست ونڻ تي هڪ اک پوربي آهي، سا ڪاڻي اک پوريل ناهيائين. وري جڏهن کو خاص نشان چٽٺو هوندو آهي، ته گوڏو پيجي، فير ڪبو آهي، سو اها منڊي ٽنگ بندوق جي واسطي اڏيءَ طور ڪيائين ۽ لولي ٻانهن بندوق جي قنداق جي اندرين پاسي ڪري چپايائين، اهڙيءَ طرح پنهنجي ڪار استادي ڏيکاري انعام کٽيائين.

اھڙي نموني اڳ ڪاٺا ماڻھو ڪاري عينڪ پائيندا ھئا، تہ ڪوڪين سھي ڪري نہ وني ۽ ھي مچون مروٽيندا گھمندا وتن. ڪي چوڪرا بہ امتحان وقت ڪارو چشمو پائيندا آھن، چالاڪ تہ شيشي جي ٻاھران اک، اک جھڙي نظر اچي، پر اندران اکين جو قيرائڻ ۽ ڦرڪائڻ نظر نہ اچي ۽ انھيءَ آڙ ۾ ھو پر واري چوڪري تان ڏسي، پنھنجو ڪم ڪڍن ۽ مٿان نظرداري ڪندڙن جي اکين ۾ سرمون پائي ڇڏين. مگر اڄڪلھ تہ آفيسر ۽ ديوان، سھڻا ڪھڻا، ڪارا ڪوجھا، شيدي گورا، جٽ ٻٽ، واڻيا وڪال، ڪراڙا، جوان، چوڪر ۽ ننڍا وڏا، ٻنا ڪنھن سيڙھي سنڌي، صبح سانجھي، وقت ڪوقت اھي ڪارا ڪوپا چاڙھي ڦرنا ٿيا پيا وتن،خبر نہ آھي تہ ڇو؟ شايد اکين جي ڪچائي ڪري، اس کان بچاءَ لاءِ تا پائين.چالاڪ تہ اڳ مائرون ٻار کي ننڍي ھوندي، ٻاروتڻ ۾ اٽي ۽ تيل سان مھٽي صفا ڪري، بدن کي چمڪيلو بڻائي، اکين ۾ سرمون پائي، سڄي بدن کي سوٽي، سڌول ناھي، دکو ڪارائي، پينگھي ۾ سمھاري، ويھي لولي ڏينديون ھيون. سرمي جي ڪري، ٻار جي اک پڪي ٿيندي ھئي، دکي ڪري ڦترو ٿيندو ھو ۽ تنجڻ ۽ ٻنڌڻ ڪري، بدن پوري ٻيھڪ ۾ رھندو ھو، تڏھين ٿيندو ھو ماءُ کي ٻار لاءِ پيار ۽ پريتڻو ۽ ٻار کي ماءُ لاءِ سِڪ ۽ اڪير. ان ڪري ماءُ ديويءَ سمان ليکيل آھي ۽ ماءُ جي پيرن ۾ بھشت چيل آھي. پٽ بہ آگيا ڪاري ۽ فرمانبردار ھوندا ھئا، جي مائن مٿان سر ساھ صدقي ڪندا ھئا. اسان وٽان تہ ھاءِ بہ وئي، تہ ھوءَ بہ. اڄڪلھ ٻين ڳالھين سان سرمون بہ ويو، جنھن ڪري نظر جي عينڪ ۽ ڏوپ چانو جي چشمي جي ضرورت ٿي. پر ھي کھڙو غضب! جو ڪاري عينڪ صبح سانجھيءَ چڙھي پيئي ھجي! سو ڪنھن رھاڻ ۾ ھڪ صاحب کان پڇيو، تہ سائين! اڄا تہ سويل آھي، پوءِ ڇو ڪاري عينڪ لڳائي اٿو؟ مشڪي چيائين تہ " ڪاري عينڪ سان حسن وڌي ٿو" سياھي باسفيدي نقش بندد، مگر انھن نين ڪناري ۽ چشم خماري

تي تہ پڙدا چڙھي ويا. اڪيون جنھن ڪي شاھ صاحب ۽ ٻين شاعرن ھينئين طرح ساراھيو آھي.

(١) ” عقابيل اکين ۾ توکي تکا تير،
ساجن انھم سينگ سين ڦٽيئي گھٽا فقير،
ٻيو م مارج مير، تنھنجو ٻھريون ئي پورو ٿيو.“

(٢) مومل کي مجاز جا اکين ۾ الماس،
نکا عام نہ خاص، جي ويا سي وڍئا.(شاھ)

(٣) ڪڻ سلوٽا نيڻ نرگس، نيم خوابي پرخمار،
نت نقاب اندر نماٽا، ناز پرور ڪيم ڪر.
(مصري شاھ)

(۴) وڏءِ چيري ۽ چڇري، دل ھٽي پيڪان پنبٽين جا،
نہ ڪيءِ کو خوف ۽ خطرو خداوند جي خدائيءَ جو.

شاعرن اکين جي آب ۾ باب پري ڇڏيا آھن، سي دفتر تہ ڇٽا. ٻئي صاحب چيو،”اک جي پکائي سکين تہ ڪاري عينڪ پاءِ. سڀ ڪجھ ھڪ رنگو ڏسندين پوءِ جيکي وٽيئي سو چو.“ اک آھي حيا ۽ مرم. ان تي پردا چڙھي ويا تہ پوءِ سيني طرفين خير. ٽين صاحب چيو تہ ” ھنن گھرن گلابي نيڻن کي نظر نہ لڳي.“ ان لاءِ ڪاري عينڪ پاتي اٿم. چو جو ھر ڪو ماڻھو سھڻي شيءِ ۾ نظر وجھندو آھي. سائين نظر ماري يا ڪاري يا گھر وھاري.

”اچھي صورت بھي کيا بري شيءِ ھي،
جس ني ڈالي نظر بري ڈالي.“

ان ڪري چشم بد کي دور ڪرڻ لاءِ ڪاري عينڪ پائيندو آھيان. اڄ ڪلھ ماڻھن ۾ قرب ڪونھي، ڪام آہ. محبت ڪونھي موھ آہ. پر اک تہ اندر جو آئينو آھي. جيکي بہ دماغي ڪيفيات ۽ دلي تاثرات آھن، سي سڀ ان مان ظاھر ٿا ٿين .

”ڪٽي نيڻ خمار مان ناز ڪيائون نظر“ (شاهه)

ڪيترن ماڻهن اک ڏيکارڻ سان ڪم ورتو آهي ۽ ڪيترن نيڻ ٺمائي، نماڻي صورت بڻائي ڪم ڪڍيو آهي. پوءِ چونه انجي هر ڪنهن اشاري ڪان ڪم ونجي. يلا هن ملنگ ڪان ته پڇو، ته هن ڪاري عينڪ چو پاتي آهي؟ ملنگ آواز تي بيهي رهيو. هن جو دنيا جي دلبن ۽ دلبرين سان چا؟ ملنگ چيو ته بابا ” مان سڀ ڪا شيءِ ڪاري ٿو ڏسڻ گهران، ته متان ڪليلن اکين سان روح نه ريلو ڏي ۽ دل نه چڪي ڏي.“ مون چيومانس ته ” اها ڳالهه به نه نهي. پاهرين اکين تي چو ٿو ايترو خيال ڪرين ۽ مغز مارين؟ تنهنجو ڪهڙو ڪم؟ ڪاري عينڪ هجي ته چا، پوري هجي ته چا، رنگ به رنگي هجي ته چا! پر جي هجي ته چا، نه هجي ته چا. تون ته اها اندر جي اک ڪول جنهن ۾ جنهن وقت به جهاتي پائين، ته جهڙو آهين، اهڙو پاڻ پسين. تون اندر جي اک تان ڪارو ڪوپو لاهي، آئينو بڻاءِ ته پوءِ،

”هاري حق رکيج، سانپارا ساهڙ جا،
خواب خيال خطرا، تن ڪي ترت ڏئيج،
اندر آئينو ڪري، پر ۾ سو پسيج،
انهم راهه رميج، ته مشاهدو ماڻئين.“

اتي ماڻهو اشارن ۾ ڳالهائڻ ۾ مشڪڻ لڳا ۽ مان ان خيال ۾ غرق هوس ته يلا ڪاري عينڪ پائڻ جو ڪو ته سبب هوندو. ڪو ٻڌائيم ته مهرباني.

************************************

# ڪتو

ڪتو ڪنهن نه ڏٺو هوندو؟ دنيا جي هر طبقه جي هر هڪ شهر، ڳوٺ، وسنو ۽ وانڍ ۾ ضرور ليندو، پوءِ توڙي هجي ڪوسو ڪمربند يا ٽڏو. هر درجه جي ماڻهن وٽ رهي ٿو، بادشاه کان غريب پينار تاءِ بلڪ الله لوڪن وٽ به. اهو جانور پلنگن ۽ پوشن ۾ به رهي، ته خراب ۾ خراب جڳهن ۾ به. تمام سٺن ٿانون ۾ به خدمتگارن هٿان گوشت ۽ مال مليدا به کائي، ته وري ڪڌهن چوسيل هڏو ڪرٽي به وقت ڪاٽي. هنجا ڪيترائي قسم ۽ رنگ آهن. شايد ڪنهن زماني يا جڳ ۾ ڪتو، بگهڙ، لوڪڙ ۽ گدڙ هڪ ئي نسل مان هجن. هن جو قد ڇهن انچن کان ڇئن فوٽن جي وچ ۾ ٿيندو آهي. ڪن کي بدن تي ڏاڍي گهٽي ٻَج هوندي آهي.هن کي ۴۲ ڏند ٿيندا آهن، جن مان ڪي ڏکها هوندا آهن ۽ ڪي ننڍا. ڏکها ڪاٽينا سڏبا آهن ۽ ننڍا پپيون.

شوقين خفتي هن جي چند بڻ قائم رکڻ لاءِ سوين پيسا هاريندا آهن ۽ ڪوشش وني هن جي اصل نسل جي باقائدي تاريخ رکندا آهن ۽ متا مونا هٽي هن جا گلر بسر سڏجڻ کان بچائيندا آهن. اسلامي شريعت هن کي پليد ۽ نجس نهرايو آهي، جو هن جي زبان جو لعاب يا گگ بلڪل زهردار آهي. هن جي پيٽ ۾ قاتل ڪيڙا ٿيندا آهن ۽ ڪنهن به وقت چتي ٿيڻ ۾ ويرم ڪانه ڪندو آهي. انڪري هن جي چڪ جو فوراً علاج ڪرايو ويندو آهي.

هن ۾ ڪيئي بد عادتون آهن، جنهن ڪري انهن تي بي شمار محاورا ۽ چوٽيون نهيون آهن.

" ڪتو ڪرٽي هڏيون، جوان مرد جگر ڪاءِ،

” ڪتو طالب ڊوند جو، ” الدنيا جيفةً و طالبها ڪلاب،
ايءُ هيئين سين لاءِ.“

ڪتي جو پچ نڙ ۾ پارنهن مهينا وڏو هئائون ته به سڌو نه ٿيو، يعني ڪنهن جي طبيعت خرابي ڪڏهن ڪانه ويندي آهي. اڊنگي ماڻهوءَ جي اڳيان وجڻ نه گهرجي، جو چوندا آهن ته ” نه ڪتو ڏسي نه پونڪي.“ ڪتو ڪڙم جو ويري. فقير ڪي نه سهي. ڪتي جي بک ۽ ڪتي جو حرص مشهور آهن. چوندا آهن ته ڪائي ته سوا مڻ نه ته ڪنو چٽي وهي. سياڻن نفس کي ڪتي جي مشابهت ۾ پيٽ ۾ آندو آهي. درويش چون ته نفس ڪتي کي ٽڪر ڏيٽو آهي. نر جڏهن بالغ ٿيندو آهي ته ٽنگ ڪٽي مٽندو آهي.

جي خاميون اٿس ته خوبين کان به خالي نه آهي. سندس زبان ساڙي ناسور جو مرهم ناهيندا آهن. بعضي ته ناسور جا ڦٽ چٽائي چينيا ويندا آهن. هيءُ هڪڙو بهادر جانور آهي. شڪار لاءِ هن جهڙو ٻيو ڪونهي. هي اهڙو سونجهو آهي ۽ هن جي سنگهڻ جا حواس اهڙا تيز آهن جو جهنگ ۾ گهاٽين جارين، ويڙهين، مور، لڏ ۽ کهڙ مان نوسي شڪار کي ٻاهر ڪڍندو يا ٽوڪندو آهي. مِرن جي شڪار ۾ جتي ڏسندو آهي ته مرون چڙيو، چڙيو ۽ شوراٽيو بينو آهي، ۽ سندس ساٿي آهن ڪپن سان ڪپيل، ڳل چيريل، واچ ڦتيل، ڪنڌ ڪاڏل، پيٽان آندا لڙڪيل، ته به بينو باهيندو ۽ بينو ستون ڏيندو. بس سرڳيءَ مان چٽو ناھ، چهٽيو ناھ! سنئون اچي دوناڙ ۾ چڪ وجهندس، يا جي سياٽو هوندو ته ڪن ۾. چا جون هڏڪارون ڀڏڻ، چا جا وچ ڏسڻ، مري متو ڏيندو. چڪ اهڙو وجهندو جو جندا مڙي وجن. پوءِ ڪانيون وجهي پيا چڪ ڇڏائين، ڪن ۾ ڦوڪون ڏين يا ڪا ٻي اٽڪل ويڙهائن. مطلب ته منهن ڏيئي مرندو، پٺ ڏيئي نه ڀڄندو.

هڪ لڳا هنجي بهادري ۽ دليري ڏسڻ لاءِ مرحوم مير علي مراد خان شينهن ٻنڌائي ڪتا ڇڏيا. پلا شينهن شير خدا جو، جهنگل جو بادشاهه هر ڪا شي ڪنبندي وتي. ان جي ڳاج ۽ پڇ جي ٺڪاءَ تي ته جانورن جي مٺ مٿان لڳي وجي. مجال جو ڪو انجو مٺ اورانگهي لنگهي سگهي. هنجي شڪار ۾ دهشت ڪان مچان ۾ ماڻهو مٿي ڏين. ڪن جون بندوقون هٿن مان ڪري پون. خير، سو ڪي ته پريان ئي سڪي پيا. ڪي ڪن ڦڙڪائڻ لڳا. پر جڏهن مالڪن وتان "گهوري، گهوري مڪٽا! شابي، شابي سنهٽا!" ٻڌائون تڏهن دلهيري ڇڏي دلير ٿيا: ۽ چريا ٿي، اڪيون پوري چڙهي ويا. اگرچ هڪ ٻه سلامت نه بچيو، پر سندن دليري ۽ وفاداري اجا پئي ڳائجي! چورن جون ڪهاڙيون ۽ لوڙهيون سهندا، ته ٻه پونڪڻ ۽ باهڻ ڪان ڪين مڙندا ۽ پيا ٿون ٿون ڪندا.

اسڪولي ڪتابن ۾ هنجا پنج قسم لکيا ويا آهن. سينٽ برنارڊ جا ڪتا، ڪالي، تازي، گري هائوڊ ۽ رولو. سينٽ برنارڊ جي مڙهيءَ جا ڪتا آلپس جبلن تي گهمندا آهن. ڪيترا مسافر وندر ۽ هوا بدلائڻ لاءِ ويندا آهن، سي اوچتو برف وسڻ ڪري پلجي، ٺڪجي مرڻ هارا ٿي پوندا آهن. اهي ڪتا جن جي ڳچيءَ ۾ لالٽين ڪان سواءِ ترت علاج جون دوائون ٻه ٻڌل هونديون آهن، سي ائين ڪيتريون جانيون تلف ٿيڻ ڪان بچائيندا آهن. ٻيو قسم رڍن جا ڌڻ سنڀاليندو آهي. مجال جو ڪو جانور پاسو ڏئي لنگهي ڏسي. تهبارون نه ڪدي ڇڏنس! ڪي ڪتا ٿڌن ملڪن ۾ بنا ڦيٿي گاڏيون گيهيندا آهن. اتان جا ماڻهو اهڙين گاڏين تي چڙهي شڪار ڪندا آهن، ٽپال ورهائيندا آهن ۽ پيا ڪيترا گهرو ڪم ڪندا آهن. سرڪس ۾ ڪيئي ڪم ۽ ڪرتب سندن سمجهه ۽ هوش آهر وننڊا آهن جو عقل دنگ ٿيو وجي. سندس وفاداريءَ جو بلند ۾ بلند مرتبو اصحاب ڪهف جي قصي مان ثابت آهي. خواجه حسن بصريﷺ ڪتي جون هينيون ڏهه خاصيتون لکيون آهن.

1. هو جي بکيو ۽ ڏکيو هوندو آهي ته به ٿوري گهٽي ٽڪر تي راضي ٿيو وينو هوندو آهي. نه جهڙپ ڏئي ٽڪر کسي نه وري ڳرڪي. اهي نشانيون صالحن ۽ صابرن جون هونديون آهن.
2. هنجو ڪوبہ مڪان ڪونهي. هي خصوصيت اگرچ رولو ڪتن جي آهي، جو جتي اچين تتي ڳيي مانيءَ تي وقت ڪاٽيندا هلن، تڏهن توڪل رکندڙن جي شمار ۾ آهن.
3. رات جو يا ته سمهندو نه آهي، يا ته رڳو اکيون ٻوٽيو پيو هوندو آهي. ٿوري ئي کڙڪي تي هوشيار ٿي ويندو آهي. هنکي ننڊ، جا موت جي پيڻ ليکبي آهي، سا ڪڏهن بہ نه ٿي نهوڙي نئين. هيءَپر شب بيدارن ۽ محبن جي آهي، جي "ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو" جي دائري ۾ اچن ٿا. " نيڻن ننڊ نه انکي، خوشي خواب نه ڪن".
4. جڏهن مري ٿو ته ڪابہ ميراث ڪانه ٿو ڇڏي. جهڙو آيو، تهڙو ويو. اها صفت زاهدن جي آهي، جي دنيا کي ٽي طلاقون ڏئي، هٿين خالي اچين ڪچين وڃي پار پون.

١- " ڳندي ۽ ڳراه جن سنياسن سانديو،
انهن ڪان الله اجا آڳاهون ٿيو. "
٢- " نه ڳندي، نه ڳبري، نه لاڳوٽيءَ لڪ،
جيڏانهن پرين وک، تيڏانهن صاحب سامهون.

5. هي پنهنجي مالڪ کي ڇڏي نه ويندو آهي. ڏنو ويو آهي ته بعضي بي قدرا مارون ڪڍنن، ته به در ڇڏي نه ويندا. هي خاصيت صالح مريدن جي آهي، جي هميشه ادب ۾ رهندا آهن.
6. جهڙي جاءِ اچين اتي ويهي رهن. مٽي، واري، ڳپ، چلهه مڙيئي وهندا. اها خاص وصف نياز ۽ نوڙت وارن جي آهي.

7. هن جي جاءِ، جي ڪو ٻيو والاري وهي ته ويچارو هليو ويندو. اگرچ گرندو ۽ گرڪندو به. هت نه پڪي هت پڪي. هي علامت انهن ماڻهن جي آهي، جي هر هنڌ راضي رهن ٿا.

8. هن کي ماري ماري وري ڪن مانيءَ جو وجهي ڪور ڪور ڪبو، ته پڇ لٽڪائيندو ايندو. ان جي معنيٰ آهي ته هن کي ڪينو ڪونهي. اهي خصلتون ۽ اهڃاڻ خاشعن ۽ عاجزي ڪندڙن جا آهن. ” خيئون خشعت خوف ۾ ڪيائون ڪيني کي قتلام.“

9. ڪاڏو سامهون رکيو هوندو ته وٺو ڏسندو. هي صفت مسڪينن جي آهي.

10. ڪنهن به مڪان ڪان هليو ٿو وڃي، ته وري اوڏانهن نه ٿو اچي. اهي پار ۽ خاصا آثار، ڏکويلن ۽ درد وندن جا آهن، جي راتو ڏينهان درد ۾ رهن ٿا.

هن زماني ۾ هر مذهب ۽ ملت جا ماڻهو ڪتو ڌارڻ زماني بازيءَ جي ضرورت سمجهن ٿا. هو هر هڪ فيشن پرست ماڻهوءَ وٽ ضرور هوندو، جو ڪيس شام جو ضرور پاڻ سان گڏ گهمائيندو. گويا هن جو دوست ۽ محافظ آهي. نفيس ۽ نازڪ بدنن لاءِ زيب ۽ زينت آهي. حافظ عليہ الرحمة به هڪ ڏينهن پنهنجي محبوب کي عرض گذاريو ته تون ڪتي کي شڪار لاءِ وني وئين، پر مونکي وساري وئين. يعني عاشق، معشوق جي ڪتي کي ٿيڻ ۾ به عيب نٿو سمجهي. چاڪاڻ ته معشوق ڪنهن وقت ڪتي کي ماريندو يا ڌت ڪندو، ته ٻئي وقت مشڪي پني به نپريندو. ظاهر آهي، ته اهي ٻئي ڳالهيون عاشق ويچاري لاءِ غنيمت آهن. اهڙي طرح مجنون به ليليٰ جي ڪتي کي چمندو هو، جو دلبر جي در تان ايندو هو. ٻئي هنڌ ڪنهن شاعر ڪتي کي پٽو ڳچيءَ ۾ ڏسي چيو آهي، ” اهڙو ڳٽ غلاميءَ جو جيڪر منهنجي ڳچيءَ ۾ نه وجهين ها.“ ڪهڙو نه

عاشق آسائو ٿي چيو آھي! شاھ صاحب پڻ فرمائي ٿو، ” ٻانيڻ ٿي ٻوٿيون، تہ ڪتا ڪيني ڪيچ جا.“ ” ڪتا ڪيني ڪيچ جا، سندا جي پنھون.“ ”ڪتو جي ڪانءُ پريان سندي پار جو- انھيءَ جي مٿان آءٌ ڪوڙئين قرباني ٿيان.“ جھانگير بادشاھ ھميشه پيرن فقيرن، ساڌن جوڳين سان مجلسون ۽ رھاڻيون ڪندو ھو. جي ڪي گوشہ نشين وٽس نہ ويندا ھئا تہ پاڻ انھن وٽ وڃڻ کان عار ڪين ڪندو ھو. ھڪڙي وقت ڪنھن خدا رسيده بزرگ وٽ سندن وڃڻ ٿيو. ٻاھران ڪتو وينو ھو جو بادشاھ کي ڏسي ڀونڪيو. بادشاھ سلامت جي طبيعت رنجيده ٿي ۽ پاڻ فرمايائون ” در درويش را دربان نہ بايد “ يعني درويش جي در تي دربان نہ ھئڻ گھرجي. فقير ٺھ ٺپ جواب ڏنو، ” بہ بايد تا سگي دنيا نہ آيد.“ ھئڻ گھرجي جو دنيائي ڪتو نہ اچي. الله الله! ڪيڏو نہ آزادانہ ۽ بي باڪانہ جواب ۽ ڪيڏي نہ شھنشاھ جي بردباري ۽ سھن شڪتي! ڪاش، اھڙو زمانو موٽي اچي!

ھي جانور آئينده جي واقعات جي بہ خبر ڏيندو آھي. جيئن جو ڪٿي موٽي فوٽي، آفت يا مصيبت اچڻي ھوندي آھي تہ ھي اونائيندو آھي. ھن جي اونائڻ کي بد شگون ڪري ليکيو ويندو آھي. ڪيترا ماڻھو ننڍ مان اٿي، گرم ۽ نرم ھنڌ ڦٽو ڪري بہ ھن کي تڙي ڪيندا آھن، ۽ الله کان امانَ پناھ ۽ خير سلامتي گھرندا آھن. مطلب تہ ھنکي آگاھ جي اک آھي. ھڪڙي درويش چيو آھي تہ ” ھيچ مي داني کہ سگ راچيست شوري با گدا- منع مي سازد کہ جز حق بر در ديگر مرو.“ يعني تہ خبر اٿيئي، تہ ڪتو گداگرن جي پنيان ڇو ڀونڪندو آھي، ھو ان پينوءَ کي ٿو چوي تہ ”ڌڻي تعاليٰ جي در کان سواءِ ٻئي در نہ وڃ.“ ” در داتا مگ مگتا، ٻئي جي ڪِيِ مَ ڪاڻ.“ شاھ.

الله سائين! تنھنجي قدرت جو ڪاٿو ئي ڪونھي. تو ايڏا گن ۾ گڻ ھر ھڪ چيز ۾ خلقيا آھن، جو انھن کي سمجھندي، پرجھندي نہ، پر رڳو شمار ڪندي عمر خضري ھجي تہ بہ تڇ سمان آھي.

خالق منھنجا! تون جمال لا زوال! پنھنجي جمال جي جوت ڏي تہ ھر چيز ۾ تنھنجو جلوو جمال ڏسان پسان ۽ پرجھان.

”مڱان ڪھڙي مت سين نسورو نادان،
سو داتا ڏيارج دان، جو طمع کي ترڪ ڪري.“

**********************************

# شڪار

شڪار جو شوق بہ عجيب آهي. جي ان ڪي عشق سان پيٺ ڪجي تہ بہ جيڪر نهي اچي، جو نہ گرميءَ جي خبر، نہ لوءَ ۽ لڪ لوڏي جي پرواهہ. نہ مينهن، واءُ، واچوڙي جو خيال ۽ نہ سرديءَ جي سٽ جو سماءُ. هليو هل، وهڻ وهہ، تہ آرام حرام. هيڏي هوڏي پيو ڪنائيندو، اکيون پيو ڦيرائيندو. گاهي جوهن ۾، گاهي ڌرتيءَ تي پيو ڪر ڏسندو ۽ سٽون ڏيندو.طلب تہ ”تتي تڏي ڪاهہ، ڪانهي ويل وهڻ جي.“ انهيءَ انڌ ۽ آزار ۾ ڪن سر وڃايا تہ ڪن عضوا. ڪن جايون گروي رکيون تہ ڪن زمينون نيلام ڪرايون. پر نہ انهيءَ ناسور جو ڦٽ مڙي ۽ نہ جند ڇٽي، نہ اهو مرض هٽي نہ ويساهين ملي. مطلب تہ چري ويرون وير وڌ. جئن تڏ تئن وڌ.

هڪڙي ڏينهن پنج اٺ ناسوري مليا، ۽ هڪڙو ڏينهن شڪار لاءِ مقرر ڪيائون. انهيءَ سوداءَ ۾ وري وهم ۽ ويچار بہ وڏا ٿيندا آهن. ڇي، ڪو ندورو منهن نہ پوي، شل ڪو گدڙ نہ گڏجي، خالي وار نہ وڃي، جمع نہ هجي. پر ڪئين پرم ۽ پولا خيال ۾ رڪٽا ٿيندا آهن. وري دنيا ۾ ندورا تہ ندورا، پر ڪي انهن جا بہ آقا. جو اهڙن جي شڪل ڏسڻ تہ نهيو، پر صبح جو خدانخواستہ، پلي پلائي ڪو نالو ڳنهي تہ سجو ڏينهن مانيءَ ڪان نرهہ. حرام جو ڪتي پاٽيءَ جو ڏڪ بہ نصيب ٿئي. پيو مڙيوئي خير! ٿيو پلو! سارو وقت ڏڪا ۽ ٿاپا، ڇڻ تہ ملائڪن روزي آسمان تي ڪٽي ورتي ۽ خواجہ خضر پاٽيءَ تي پهرو بهاري ڇڏيو. اهڙي آقا سائينءَ ڪي بہ اسان مان هڪ صلاح هنئين. هن ويچاري چيو تہ شڪار تي منهنجو پکو ڪونهي ۽ جي مان هلندو آهيان، تہ شڪار نہ لڳندو آهي. سو مونکي نہ وني هلو. مان شايد ڪباب ۾ هڏي ٿيان. پلا اسان ڪي ڪهڙي خبر تہ هو

ڪو ترڙ نياڳو ۽ چونڪ چندو آهي. اسان سمجهيو ته هيترن ماڻهن جي مقابلي ۾ هنجي نحوست ڇا ڪندي؟ سو مڇڏو تي بيناسين. ڇي، تنهنجا عذر بهانا ۽ نت نئاءُ ڪو ٻڌنداسون؟ توکي ضرور هلڻو پوندو.

خير! مقرر ڏينهن تي جان ڏسان ته نوڪر نهيئي ڪونه. معلوم ٿيو ته رات کان غائب آهي. ڀلا نيرن ڪيئن نهي؟ سوير ڪيئن نڪرون؟ الله الله ڪري پن منگ تي نوڪر گهرايوسين، جنهن سيون ناهيون ته نلو يت. خير سور پي، الله تو آهار ڪري هلياسين. هن اشراف وري به چتايو، پر اسان نفي واري ناڪار تي سندرو ٻڌي بيناسين. ڇي تنهنجو خيال ضرور ٿاريون ۽ وهم پلايون. پوءِ ته هل هلان. مجال جو ڪٿي پن به لڏي، ڳيرو به لاتي. زمين پٿ رکي آهي، نه ڪر نه پير. ڪسيون ڪورون ٽپندا، ٻت رهڙائيندا، ڪپڙا قاڙائيندا، سڙندا، پچرندا، ڌوڪيندا هلياسين. پر توبه! ٿڪا ماندا، اچي ڏينهن لڙيو. ايتري ۾ اسان مان ڪنهن ڪجهه ڏٺو. ماٺ ڪري بيناسين، ته ڪنهن چيو گدڙ! خار مان هڪڙي بندوق سنئين ڪري نڪاءُ ڪيايو. اسان سڀ ماٺ ۾، ڇا لاءِ ته جيسين پنهنجو ساهه نه منجهائبو، تيسين ٻئي جو ساهه ڪيئن ونبو؟ بندوق ٻٽي ٻڌڻ ۾ آئي. سمجهيوسين ته سومٿ جو مٿو ڪپيوسين. سهدار اهڙو ڪريو، جو ڇڙي نه هنيائين، ڊوڙندا وياسين، ته پريان ٻروچ لنيون ڪنيو پڄندا ٿان اچن. مجاڻ اهو گدڙ رنگ ڪتو ڪو انهن ٻروچن جو هيو، جو مارجي پيو. پوءِ ته اسان سمجهيو ته خير ڪونهي. هنن مجهولن سان ڪير پڄندو؟ گارين جا وسڪارا مچائي ڏنائون.ڪو ڪيڏانهن لنوين، ڪو ڪيڏانهن. ڪو ڇا چوي ڪو ڇا. پوءِ ته دم دلاسا ڏئي، دڙڪا دهمان ٻڌي، ۽ ڪجهه ڏئي جند ڇڏائي سين. هو چون ته اسان جو ڪتو مينهن لهي. دستگير سنهن! ڇهه ويهون ته فلاڻي زميندار جون موٿايون سين. مرشد ۽ ڇگن منن جي ميڙ موٽائي سين. نه نه هي به ڪٽو. خير، ڪن ڇبا ڪري، ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري هلياسين. ٻڪ چتو ڪٿي وڌو ۽ اڄ ماندو. هاڻي

ته واءُ به واءُ شروع ٿيو. پوءِ ساڙ ۾ ساڙ. شڪار ته آهي شڪار. جو لڳو ته دل ٺار، نه ته بيڪار ۽ بيگار، بندوقون به بار، پنڌ ۾ بار، سور ۾ سور. اڳتي وڌياسين، ته پويان ڪنهن شي جو دئو نظر آيو. اڄائي پيو. ٻيلي آهن ته جهڙا سيهڙ جا ڪن!

ماٺ! بس بسم الله ڪري ڪو هٽي ته ڪا ڇهر ڪريون. " بک ٻچڙو ٿول، داناءَ ديوانا ڪري." حرام به حلال ٿيو پوي. ڪنهن ڪپ ڪڍيو، ڪنهن ماچيس: ۽ ڪنهن ڪانيءَ لاءِ اک ڦيرائي. ايتري ۾ نڪاءُ ٿيو. ڊوڙندا وڃون، ته حيرت جي حد ئي نه لهي! ڏسون ته چا ڏسون! هڪ پراڻي اچي بوٽ جا پادر ڪنهن ٻوڙي ۾ ڦٽا ڪيا آهن. سيني ڪان ٺهڪ نڪري ويو. پر اندر ۾ ته هٿا چاڪن جا ڇهڪ. سور پي اڳتي هلياسين. اتي ان همراهه چيو ته ڏٺو منهنجي ڪرامت؟ ڪرامت ته نه چئو پر شامت! جيڪر ڪجهه ڪائي وڃونس. پر گناهه ڪنهن جو؟ چيائين ته چڱو ٿيو جو ٿوري ۾ ڇٽا آهيو. ڪا وڏي ڇٽي نه پئي اٿو. اسان سمجهيوسين ته هن ڪان وڌ چا ٿئي ها، جو هي مڙس اهڙي طرح للڪاري ٿو. اتي سچ لاهو ٿيو. بس ڪجهه به ٿئي، بنا شڪار ڪئي مور نه هلون. من ڪو چاڙها ڪو لڳي! ايتري ۾ پريان ڪنهن ڪجهه ڏٺو. وڻ جي جهڳٽي ۾ ڪجهه دئو پيو. ڪنهن چيو ته اتي سهدار آهي. ڪنهن چيو ته ڪا بلا آهي جو پنن جو ڪڙڪو پيو ٻڌڻ ۾ اچي. سڀني ڏينهن جي ساڙ چيو، ته بس بندوق سڌي ڪر، هٿ ٺار ۽ دڦ ۾ هڻ. اسان مان هڪ بندوق سنئين ڪري اچا لب لبي کي ڇڪڻ وارو هو ته ايتري ۾هڪ ٻائو اتي ڪڙو ٿيو، جو شايد جهنگ جي خيال آيو هو. اڙي، تنهنجي ٻيڙي سائي ٿئي! ساهه وڃي پيرن ۾ پيو ۽ رت ڇڏائي ويو. خدا جا شڪرانا بجا آنداسين ۽ آقا سائين جي اڳيان سيس نوايوسين. پوءِ حرام، جو ڪنهن سان ڪو ڳالهائي. پيٽ ۾ بک، وات ۾ اڃ، بدن چور، دل ۾ خار. رڙهندا اچي گهر رسياسين ته اتي اسانجي هڪ دوست رات جي مانيءَ لاءِ دعوت ڪئي هئي. چيوسين، ته

سچي ڏينهن جي ڪسر وچي تا ڪيون. وچون تہ رڳي اسان جي دير هئي. ڊاڪئان ڊيڪيا رکيا هئا. ڇا جو هٿ ڏوئڻ، وچي ويٺاسين. ڊاڪئان ڪوليون، تہ رڳو نڪر ۽ پتر ۽ مٿان چٽڪيءَ تي " اپريل فول " لکيو پيو آهي.

بس، " قهر درويش برجان درويش " سور پي، اچي بکئي پيٽ گهر ڪرياسين.

يا الله! تون پنهنجن پيارن جي صدقي ڪو مندو منهن نہ چاڙهہ ۽ ساعت سولي ڪر.

**********************************

# نشو

گشت جي موسم، آفيسرن جي بريز بريز، آفيس جا ڊبناما ۽ تاڪيد، چي ڪم پورو ڪري ڏيو. اسڪولن جا پئسا رهجي ويندا. هن جنگي ڏڪر جي زماني ۾ جڏهن روپئي جي قيمت وڃي چار آنہ رهي آهي، تڏهن هر هڪ ڪي پئسي جو قدر ٿيو آهي، سو هل هلان لڳي پئي هجي.

” صبح سفر، اور شام سفر،
اس دنيا کا هي نام سفر “

اجا اٿئي نہ، تہ اٺ لڳي وڄن. ڏنڊڻ پاٽي ڪري چالو زماني جي فرض عين يعني ڏاڙهي لاهڻ مان واندو ٿي، چانهن جو ڍڪ پيٻو تہ گهڙيال ۾ ڏهہ ڏسبا. بس، گاڏيءَ جو وقت ٿيو، مان بہ سهڪندو سهڪندو اچي اسٽيشن تي پهتس. ڇا ڏسان! تہ ٽڪيٽ تي ماڻهن جي پيهہ ۽ گپا گيهہ لڳي پيئي آهي. جنگ ڪري سڀ ڪنهن هنڌ ڪتر لڳي پيئي آهي، سو رڳو هڪ ئي ماڻهو ٽڪيٽ پيو ڏئي. اهڙي پيڙ ۾ ٽڪيٽ ڪيئن ونان؟ ڪيسي جو بہ خيال پيو ٿئيم. بابو صاحب بہ ڪو بنهہ سست ۽ ڍرو هو. ليڪي ۾ اهڙو پڙ هو، جو ڪنهن روپيو ڏنس تہ ان کي اٺ ٽڪيٽون ٻي آني واريون ڏيئي چار آنا مٿان اچلايائينس. وينو آڱرين تي حساب ڪري! ماڻهو ويچارا اڄ ڪلهہ جي پڙهائي ڏسي پيا ڪلن ۽ وري رڙيون پيا ڪن. ”بابو صاحب! ٽڪيٽ ڏي، گاڏي ڇٽي ويندي.“ ” بابو صاحب ٻار ٻچا ساڻ آهن.“ ” او سهڻا، ٽڪيٽ ڏيوين.“ ٻڌم تہ اندر چرپر ٿي. هڪ ماڻهوءَ چيو تہ ” سائين ڪرسيءَ جو نشو آهي! ٽڪي ٽين پئسين واري ڪين ٿو سٽي.“ هڪڙي اڳتي وڌي چيو، تہ بيلي ڏسانس تہ! ڇا ڏسي! ڇتن ڇچريل، چپ ڊولا، نڪ بينو ۽ اکيون چنجهيون! رڙ نکري ويس. چي، ” الله سائين جي ڪنير بہ جوارو لولو ٿيپو آهي.“ ماڻهن ۾ ٺهڪڙو

مچي ويو. واهه ڙي نشا! ” ڪرسي پئي اليندي اي. “ مون سوچيو تہ ڪرسيءَ جو نشو بہ ڪو نشو آهي، جڻ تہ پاءُ گهنبين جو يا دنگ دارونءَ جو چاڙهيون وينو آهي. اکين تي ڪيپ چڙهيل، لات جي پرواهه ڪانہ. ٻڌا چوڙائي تہ چٽل ٻڌائي. سيٽيو وينو هجي، اک چت ۾، هٿ پتلون ۾. جڻ تہ لهي اپري اتس ڦوڪ شوڪ ۽ آڪڙ: ڏاڙهي مچون چٽ، پرون شاهه بچايون. هان مچون ماڪڙ يا مچانگ. ڪو معتبر آيو تہ ويٺي هٿ ڏيندس، جڻ تہ ڪرسيءَ سان سبيو پيو آهي. اهو آهي خمار جنهن ۾ سڪن ڳڏ آلا بہ سڙي وڃن. ادب ۽ اخلاق، سمجهہ ۽ ساڃنهن ڪا وڃي ڪولين رهي. اهڙو چڙيو وينو هوندو، جو جڻ گهران وڙهي آيو آهي. اهڙو جهڙو ڪو سنهون سڪو سامهون آيس، تہ اڳين پوئين ڪسر ڪڍي ڇڏيندس. جئن چوندا آهن تہ: ” يارن جون باهيون ٻارن مان ڪيجن.“

مطلب تہ اڳين ديون وانگر آدم بو، آدم بو پيو ڪندو.هن بابو تي بہ اهو نشو غالب هو. سو ماڻهن کي ڇهڙون پيو ڏئي. ريزو ڪونهي. هي نوٽ پراڻو آهي. هي روپيو ٻيو ڏي. هي گاڏي ڇٽي وڃي تہ اڪوئي ڇٽي وڃي. تنهن ۾ منهنجو ڇا؟ اهڙي مسافري جو ڇا ڪريو؟ ٻٽ ڪان بيزار، وڙهسون وڙهسون پيو ڪري. نيٺ رڙ ڪري سيڪنڊ ڪلاس جو نالو ڪن تي وڌومانس تڏهن ڪن ڦرڙاپائين. پاسي، صاحب کي ٽڪيٽ ونڻ ڏيو. خير سان ٽڪيٽ وٺي هيٺ پليٽفارم تي آيس. گاڏيءَ ۾ ڏسان، تہ هڪ پڪ خدا جي ويني آهي. سمجهيم تہ گاڏيءَ ۾ پاسيرو ٿي لنگهيو هوندو! هڪ پوري مينهن هئي. آواز ايڏو ڳرو هوس، جو جڻ پاڏو ٿي ڊڪيو. ٻاهران بہ چار ماڻهو حڪم جا ٻندا امر ۾ بينا هوا. هڪ کي تہ اهڙي ڏمال ڪديائين جو لڙڪ ڪري پيس ۽ ٿڌو ساهہ نڪري ويس. مونکي ان وقت مايا ۽ دولت جي نشي جو خيال دماغ ۾آيو. دولت عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڦرنڊڙ ۽ زماني جو انقلاب. ۽ مايا

سنسڪرت لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڌوڪو، فريب ۽ چل. انهيءَ مان ڏسجي ٿو تہ ڏن هڪ ڏپ ڇانو آهي.

” اقبال را چو قلب کني لا بقا شود. “ اقبال کي پنيان پڙهبو تہ ”لابقا“ پڙهيو ويندو. سياڻن ان کي ڪينهون سان مشابهت ڏني آهي. جئن ڪينهون هڪ هنڌ نٽو ٽڪي، تئن لڇمي بہ گهڙيءَ هت گهڙيءَ هت. ڪنهن سان نيبهہ ڪان. چوندا آهن تہ،

ميءَ خوردن و هشيار نشستن سهل است-

چون بدولت برسي، مست نگر دي مردي.

شراب پي ڪري هوشيار ٿي وهڻ سولو آهي، پر ڌنوان ٿي مست نہ ٿيڻ مرد جو ڪم آهي.

دولتمند هن نشي ۾ غريبن جو رت چوسي، پنهنجو پيٽ پرين، ڪاڻيارن کي ڪٽي، ڪک ڪانا ٻڻائن. پاڻ اطلس ۽ ڪيمخواب پائين تہ ولهن ويچارن کي ليڙن ۾ ليٽائين. پاڻ موٽرن ۾ سير ڪن، تہ گهرجائن کي هلائي هلائي پيرن ۾ پٽون پوائين. پنهنجي هر هڪ اميد جا خالق ۽ مالڪ، پر ٻي واهن جون واهون بند ڪن ۽ اميدون خاڪ ڪن. هي اهي آهن، جي ٽپري گيهہ تي وياج تي وياج چاڙهي، ڳئون ونن. سو ڏيئي هزار لکائي ونن. هي اهي آهن جي گارين ۽ بدخلقي سان پيش اچڻ کان موشو ڪون ڪن. چوندا بہ ائين تہ هل، پٽهين ڏاڏنهن جي ڌراوت رکي آهي ڇا؟ ٽراکين اڳيان.“ هردو دنيادار جو پاهڻ کان بہ پري.“ پئسا ڪارا ٿيا سهندا پر ڪنهن پرميشور جي پياري کي پئسو ڏيڻ برو پيو چڙهندن. هي اهڙا ئي نردئي آهن، جو ” پر ۾ مري ياءُ، تہ بہ ٻاجهہ نہ ٻرڙي کي پوي.“ وڏن وڏن لکيسرن وٽ ڪنهن چندي لاءِ وڃبو تہ رقم چاڙهيندي هٿ پيا ڏڪندن. ڏاڍي ميءِ ۽ مگر سان چوندا، تہ ” يائي، دنيا ڪا اسان وٽ پاٿي رڙهي ٿي اچي ڇا؟ اسان بہ رت پت ڏئي پيا آٽيون. “ چوندا آهن تہ شاهوڪار اهو ٿي سگهندو جو ڪل ڪائي ۽ ڪل پهري. گذارو ڪندو

ڪل ڪکڙيءَ تي، ته پهريندوڪل جهڙو تلهو ڪپڙو. مطلب ته ان نشي ۾ جيڪي ڪن سو نهين ۽ ڦبين. رڳو خدا نه ٿو ڪوني سگهجين. پنهنجا عيب پيا ڍڪين ۽ ڪارج پيا سڌ ڪرائين. سيٺ به گاڏيءَ ۾ مون اهڙو انگين اکرين ۽ آرين پارين ڏنو.

گاڏي چٽي هلي ته ٻيو ڪونه چڙهيو. مون سمجهيو ته وقت الائي ڪيئن ڪٽبو. ايتري ۾ منهن ورائي پڇيائين ته صاحب! اوهان ڪيڏانهن ويندا؟ چيم ته مان صاحب نه آهيان. صاحب پاڻ خدا آهي ۽ اسين سڀ انجا ٻندا. چيائين ته اهو مان سمجهان ٿو. پر دنيا جو صاحب سائين! مون چيو ته دنيا ۾ ڪن خاندانن ۾ زالن کي صاحب سڏيندا آهن. ٿورو مشڪيو، چيائين ته انهن جي ڳالهه نه پڇ. انهن ته ملڪ کي روليو آهي. اوهان ديوانن ته انهن جي دل وڌائي ڇڏي آهي. چي سٺي ساڙهي هجي، ته انچو بوٽ گهرجي، سو به هڪ نه پر درجن. نت نئين سج نئون. منهنجي نه پادشاهي هجي ته انهن کي سجو ڏينهن ڪم ۾ رنياپان. ڪا ويسند نه ڏيان. بس انهن جو مرڪ آهي چڪي، چلهه، چرخو ۽ چادر مٿي لاءِ. چو سيٺ صاحب انهن ويچارين تي ڪاوڙيا آهيو؟ اهي ته دنيا ۾ مرد لاءِ راحت آهن. انهن ۾ مردن ڪان وڌيڪ سهن شڪتي آهي. اهي مرد جو نالو مٿي ٿيون ڪن ۽ ناماچار ٿيون وڌائن. حقيقي چورو ٻار اهو آهي، جنهن جي ماءُ مري وڃي ۽ نه پيءُ. چو جو ماءُ پورهيو ڪري پاڻ نه ڪائيندي پر پٽ کي ڪارائيندي ۽ پاليندي. مرد کي ڪهڙي پيئي آهي جو اهڙا خفا ڪري. مرد ڪهڙو به ٻاهران تتو ايندو، مايوس ايندو، ته به زال اهي منٽين ڪافور ڪري ڇڏيندس. انهن جي ڳالهائڻ ۽ چهڻ ۾ برقي اثر آهي. اهي جيڪي سور سهن ۽ سانديي سگهن ٿيون، مرد تن جي پتيءَ ۾ به اچي نٿو سگهي. سيٺ صاحب اوهان شايد انهن جي خرچ ڏي ٿا ڏسو. ورايائين ته سچ سائين جنهن مهل اهي نڪ نڪ ڪري هلن ٿيون، ته منهنجي سيني تي به نڪ ٿئي ٿي. ديوان اوهان کي پئسا ٿا ملن

ٺالهي ٻڌا. سو اوهان ڪٺيءَ گهرئون چو. اسان ته نور نچوئي، ڪوڏي ڪوڏي ڪري ٽا گڏ ڪريون. اوهان وٽ نوڪر هوندا. هڪڙا رسوئي ٺاهيندا، ته ٻيا آڻيندا. ڪڏهن بيمار ٿيو ته زال جيڪر پر ۾ ويهڻ ته نهيو، پر جيڪر پاڻي به نه پياريوَ. اڄڪلهه جي هوا آهي! اڳين سمين زالون مڙسن کي ناٿ ۽ سوامي ڪري سمجهنديون هيون ۽ هاڻي مڙس آهن جتيءَ جوڙي ڏيڻ وارا. چئجين ته ڪاوڙ چندي وري ويهي ميڪنديون. ڳوڙها ته جڻ ڳنڍ ۾ ٻڌا پيا اٿن. اڙي سائين! انهن جا ڳوڙها بنگال جو جادو آهن. سوين وڍ وجهندا، ترار نه وڍي، پر اهي وڍي تڪا تڪا ڪندا. انهن جا ڳوڙها هزار واعظن مقررن کان به وڌيڪ اثر ٿا رکن. جتي انهن جي ڳوڙهن ڪري دل نه پڃي، اتي ڪوبه ڪونه ٿو پهچي سگهي. انهن جا رڳو ڪوڙا ڳوڙها به دليرن جي ڪمر جهڪايو وجهن. سائين! انهن وٽ به نشا آهن، هڪ حسن جو ۽ ٻيو ول چل جو. امير ، فقير، وڪيل ۽ وزير سڀ ڪٺا نه ٿا پورا پون، ۽ ڪنهن مهل سنت ۽ ساڌو به ڪري پون.

ها سيٺ صاحب! هر هڪ ماڻهوءَ ۾ ڪونه ڪو نشو آهي. آفيسريءَ جو، شاهوڪاريءَ جو، حسن ۽ نزاڪت جو، هنر ۽ فن جو، علم ۽ حڪمت جو ۽ فقيري ۽ درويشيءَ جو.

ايتري ۾ گاڏي اسٽيشن تي آئي ۽ مان موڪلائي لٿس. حڪمت جي نشي جي ڳالهه ياد پيم سا هيٺ ڏيان ٿو. ديوجانس ڪلبي هڪ وڏو فيلسوف ٿي گذريو آهي. هڪ ڏينهن سڪندر پادشاهه جنهن کي عام طرح سڄي زمين جو پادشاهه ڪري چوندا آهن. سو پنهنجي وزير سان هن حڪيم وٽ ملاقات لاءِ آيو. پادشاهه انجي سامهون اچي بيٺو. سڪندر اعظم سمجهيو ته حڪيم سندس تعظيم لاءِ اٿي بيهندو پر هن پرواهه به نه ڪئي. هي حالت ڏسي، وزير چيو ته سڪندر اعظم، فاتح دنيا، اوهان سان ملڻ آيو آهي. حڪيم مٿو مٿي ڪري، مشڪي چيو ته جنهن سڪندر کي دنيا جي هوس در در ڀٽڪائيندي ٿي رهي، سو به پادشاهه ڪري ڪوٺبو!

نہ هو دنيا جو غلام آهي. هنجا دلي جذبات هنجي اختيار ۾ نہ آهن تڏهن تہ هو هنڪي جتي تتي ۽ جيڏانهن ڪيڏانهن نچائيندا ٿا وتن. هن جي دل جو اندر ڏسبو تہ طرح طرح جي غلاميءَ جا نشان ملندا. بادشاهہ مان آهيان، جو من وس ۾ آهي ۽ پنهنجي دل ڪي اختيار ۾ رکان ٿو. سڪندر هن لاپرواهہ حڪيم جي حالت ڏسي، سخت تعجب ڪاڌو. وزير چيو تہ پادشاهہ سلامت اوهان لاءِ سوکڙيون ۽ سوغاتون ۽ مال اسباب آندا آهن. اوهان اهي قبول ڪريو. هن جواب ڏنو، تہ مون وٽ سڀ ڪجهہ آهي. مونکي ڪنهن بہ چيز جي ضرورت نہ آهي. آخرڪار سڪندر نياز سان عرض ڪيو تہ ڪا ڪار خدمت منهنجي لائق هجي تہ مان حاضر آهيان. حڪيم ڪلي، جواب ڏنو تہ تون تڙڪي جي آڏو بيٺو آهين. ذرا پري ٿي بيهہ، اس جهڙڻ ڏي. تنهنجي اها خدمت بس آهي. سڪندر پڇيو تہ ثواب ڪهڙي طرح حاصل ٿو ٿئي؟ هن چيو تہ خير جي ڪمن سان. چالاءِ تہ توکي انهن جي لاءِ ايڏي طاقت آهي، جو جنهن جيتري رعيت ڪي ساري عمر ۾ ناممڪن آهي. هي اهي آهن جي پڙهيا، ڪڙهيا ۽ ترِيا. باقي آفيسر تہ رڳو پڙهيا ۽ نہ پرجهيا.

”پڙهڻ پرجهڻ پاڻ ۾ وڏو فرق ڦير،
ڪاڏي منهن محبوب جو ڪاڏي اکر اير،
ساڻ سهائي سچ جي چا موافق ٿيندو مير،
جن صحيح سڄاتو پير، روحل رات نہ تن ڪي.“

پر بين نشن ڪان وري ولين ۽ درويشن جي ليءِ ۽ ميءِ الڳ آهي.” جنهن ۾ نشو نينهن جو، سا ڪا ڪوني پٽ. “ اهي ماڻهو الستي نيهن ۾ اهڙا الوت ۽ اموت آهن، جو دنيا ڪي تچ سمان ٿا سمجهن. اهڙي بيخوديءَ ۾ بيخود آهن جو ڪنهن ڏانهن اک کڻي بہ نہ نهارين. هي انهيءَ خمار ۾ چور ۽ مخمور آهن، جو موجوده عالم جي ڪابہ وٽ انهن ڪي سڄاڳ ڪري نٿي سگهي. هي جڏهن مراقبي ۾ ويهي، منهن مونن

۾ وجهي، محبوب حقيقي ۾ محو ٿا ٿين، تڏهن جهان جي اعليٰ ۾ اعليٰ قيمت واري شيءِ ۽ حسين ۾ حسين عورت به هننکي هرڪائي نٿي سگهي. جئن شاھ عليہ الرحمتہ نالي چيو ويو آهي.

” ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال،
جي چورين ڏنا چال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا. “

************************************

# ڪوڙ

انساني خيالات جي سوچ جو اعليٰ نتيجو، پوليس جو واهر ۽ وسيلو، وڪيلن جو روزگار، ڪامورن ۽ نوڪرن نواز، شاگردن جو مار موچڙي کان ماسترن وٽ مددگار، گنهگارن جو جو ڏڪڻ هار، عاشقن جو پشت پناھ، ۽ آخر ۾ هر ڪنهن جو بچاءُ آهي، ڪوڙ!

هان! اهو هڪ اهڙو لفظ آهي جنهن کان نفرت ڪرڻ ۽ پري رهڻ سيڪاريو ويندو آهي، ۽ جنهنجي بدين ۽ بڇڙاين جي بيان ۾ اخلاقي ڪتاب ڪارا ٿيا پيا آهن. شايد انسان جي فطري ضرورت اها آهي تہ هو فريب ڏيڻ ۽ ٺڳڻ وارن کي پسند ڪري ٿو، چا لاءِ جو جيڪڏهن ڪوبہ انکي دوکو نہ ٿو ڏئي تہ هو پنهنجو پاڻ کي جئري جاڳندي فريب ۾ قاتل ٿو سمجهي. سبب تنهن جو هي آهي، جو ڪيس نڳجڻ ۾ تعليم ٿي ملي تہ هو فريب ڏيڻ ۾ پڙ ٿو رهي. عام طرح ڏٺو ويو آهي تہ بري ۾ برو شخص ۽ خراب ۾ خراب ماڻهو بہ چاهيندو آهي تہ ٻيا ماڻهو هنکي چڱو سمجهن، يا ڪم از ڪم ڪيس چڱو چون. مگر جڏهن هو پنهنجي اها مراد نہ ماڻي مايوس ٿو ٿئي، تہ پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن جي خبر هوندي بہ، پاڻ کي چڱي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي يعني جڏهن ٻين کي ڪوڙ ڳالهائڻ کان باز آڻي نٿو سگهي تہ پوءِ پاڻ ڪوڙ ڳالهائي ٿو. ماڻهو ڪوڙ ڳالهائين ٿا، ڪوڙ ٻڌڻ پسند ڪن ٿا، مگر تنهن هوندي بہ ڪوڙ کي خراب نہ ليکين ٿا. ڪوڙ حقيقت ڪري سچ جو مضبوط دليل آهي. ڪوڙ اهو ڪوڙ آهي ۽ ڪارگر ٿئي ٿو، جو بلڪل سچ جي ڏِک ڏئي. ۽ جي ڏک نہ ڏنائين ۽ پڪڙجي پيو تہ ڪوڙ جو مزو کهڙو رهيو، پوءِ ڪوڙ ڪري ليکجي بہ نہ. اهڙي طرح ڪو ڪوڙ ڳالهائي نٿو

سگھي، جو ٻين کي سچ جي اصلي صورت چٽي ڏيکاري، تہ گويا اھو ڪوڙ ڳالھائڻ ۾ اجا ٻاراڻو ئي پڙھي.

ڪوڙ تہ مشڪلاتن جو حل ڪندڙ ۽ دک درد ميٽيندڙ آھي. ڪوبہ سمجھو انسان ھن کان پاسو ڪري نہ ٿو سگھي، مگر ھر وقت ھردم ان کان مدد ٿو وٺي ۽ ان ۾ ٿو لڪي، اگرچہ ھنڪي ڪوڙ جو لفظ وات تي آڻڻ خود ڏکيو ٿو لڳي ۽ جي ٻيو ڪو چويس تہ چڙيو پوي.

ڪوڙ کي ھنر ڪٿي چئجي تہ ٻجاءِ رھي. ھو علم ۽ ادب ۾ ھڪ ڪاريگر آھي ۽ سياسي ڪمن ۽ ملڪي معاملات ۾ معزز لفظ ۽ " تدبير " جي نالي سان سڏبو آھي، مگر اصل ۾ تہ ڪو ڦير ڪونہ ٿو پويس. وري عشق و محبت سان تہ اصل ڪو خاص تعلق اٿس. جيڪڏھن عاشق محبوب کي اھڙوئي سمجھي، جھڙو حقيقت ۾ ھجي، يا معشوق پنھنجي محبت ڪرڻ واري کان پنھنجي حسن جي ايتري تعريف ٻڌڻ پسند ڪري، جيتري ھنڪي ٻڌڻ گھرجي. تہ ظاھر آھي تہ ٻنھي جي وچ ۾ جيڪر اھا الفت ۽ پريت نہ رھي، جا ھونئن انھن ٻنھي کي ھيتري انبوھ کان جدا ڪري ٿي ۽ عاشق معشوق جا نالا ڏياري ٿي. ڀلا خسيس ڳالھہ تہ جي عاشق معشوق جي انجام جي وقت کان ٻہ منٽ دير ٿو ڪري وڃي، تہ بس! دنيا ھيٺ مٿي ڪري ڏيندو تہ ڪاڏھون ڪو ڪوڙ نھي، زبان اڪلي، ۽ محبوب مڪہ مان مرڪ نڪري. ماٺھو حيران ھوندو، صدھا خيالي گھوڙا ڊوڙائي چڪندو، وري جي معشوق دير ڪئي، تہ جھٽ اھڙو ٻتاءُ اچي ڏيندو جو دل نري ڳگ ٿي پوندي تہ نہ ٻيلي محبت آھي سھي.

دل تو انڪا چاھتا ھي ميري ملني کي لئي
ڪچھ عدو ڪا خوف ھي ڪچھ شرم دامنگير ھي.

انسان صرف ان ماڻھوءَ لاءِ ڪوڙ ڳالھائيندو آھي جنھن کي پنھنجو ڪري سمجھندو آھي. مان تہ اجا ڪنھن کي اھڙي ماڻھوءَ لاءِ ڪوڙ

ٻالهائيندو ڪونه ٻڌو آهي جنهن جي رضامندي يا ناراضگي اڳلي وٽ ڪا معنيٰ نه ٿي رکي. يعني ڪوڙ صرف ٻين کي خوش رکڻ ۽ راضي ڪرڻ لاءِ ڳالهايو ويندو آهي. وڪيل صاحب ته اهڙا اظهار ناهيندا، جو سچ سمجهڻ ۾ اچي، پنهنجي اصيل کي نيٺ به ڇڏائين. هاڻوڪي زماني ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن کي ڪوڙ ناهي، دلاسو ڏيئي راضي نه ٿو ڪري ڪدي، ته ڪيس جڏو ٿا سمجهن. پوءِ ڀلا ٻين کي راضي ڪرڻ چڱي ڳالهه نه آهي؟ ٻين جي چڱائي ڳولڻ چڱو متو نه آهي؟ شاديءَ کان پوءِ اڪثر زال مڙس تڏهن سرچي هلن ٿا ۽ محبت وندي سگهن ٿا جڏهن هو ٻئي ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ پڙ ۽ ماهر آهن. ڀلا ٿورڙي ڳالهه ته ڪنهن وقت مڙس ڪاٿين چار پئسا پري ٿو ۽ زال وٽ ڪوڙ نه ٿو ڳالهائي ته پوءِ . . . . . . سپ ڪان ڪامياب شاعر اهو آهي، جو خيالات کي سپ کان زياده خوبصورتيءَ ۾ مرچ مصالح گڏي ڪوڙ چوڻ ٿو سيڪاري سگهي. يعني هڪ جا ڏهه ۽ ڏهن جا ويهه نه وڏائي لکي، تيسين نه انعام اڪرام، نه ڪل، نه چرچو ۽ نه داد ۽ واه واه.

چڱو! ٻار جو معصوم آهي، بي گناهه آهي،اجا زماني جي سڌ ڪانه اٿس، تنهن کي به شيءِ جي حقيقت جي معلوم هوندي به ظاهري ڏسي وائسي، ڪوڙ ڪرڻ مان مزو ٿو اچي، جو هڪ ڪاني کي گهوڙو سمجهي، لانگ ورائي، چمڪي هٽي، ٻچڪ ٻچڪ ڪري هلائي ٿو: اگرچه سمجهي به ٿو ته آهي رڳو ڪانو. ڇوڪر هڪ ٻئي جي چولي کي پنيان وني ڪُو ۽ ڇج ڇج ڇئي هڪڙو پاڻ کي انجڻ سمجهي ٿو ۽ ٻين پنين کي گاڏا. عاقل ۾ عاقل انسان کي به اهي ڪوڙ دل سان لڳندا هوندا ۽ پوءِ جيئن وڏو ٿيندو ٿو وڃي، ته ان ۾ واڌارو ۽ سڌارو ڪندو ٿو وڃي. شاگرديءَ جي حالت ۾ به ٿوري ۾ ٿورو ڪوڙ، ته جي ” في “ وسري ويئي هوندس ته چوندو ته پائو يا دادا يا بابا گهر ڪونه هو.

ڪوڙ کي يقين سمجهڻ ايترو مشڪل نہ آهي، جيتري قدر ڪوڙ ڳالهائڻ ڏکيو آهي. ان ڪري ڪيترائي ماڻهو جي شايد انهيءَ هنر کان ارادتاً پرهيز ٿا ڪن، تہ بہ انهيءَ فن ۾ جي ڪوڙن جا ڏاڍا نہ ٿا ٿين، تڏهن بہ ٿورو گهڻو شريڪ ٿا ٿين.

ڪوڙ ڳالهائڻ لاءِ حافظو ۽ يادگيري ڏاڍي هئڻ گهرجي. ۽ جي استعمال سان يادگيري سڌري ها، تہ جيڪر دنيا ۾ يادگيري لاءِ پهرين نمبر ۾ دوا، ڪوڙ ئي ٿئي ها.

بعضي بعضي وڏين وڏين جنگين ۽ جهيڙن ٽارڻ لاءِ مصلحتاً ڪوڙ ڳالهائي جهيڙو ٽاريندا آهن. "دروغ مصلحت آميز بہ از راستي فتنہ انگيز." پر آهي تڏهن بہ ڪوڙ ۽ ڪوڙ جي مدد. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سمجهي تہ مان ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ ڪاريگر بڻجان، تہ پوءِ اهو ٿورو ڳالهائي ۽ تقرير ۾ مختصر رهي، گفتگو کي گهڻو نہ پچاڙي، جو گهڻو ڳالهائڻ هن جون کي ڳالهيون پڌريون ڪندو. دروغ گو را حافظہ نہ باشد.

هاڻي مٿئين لکڻيءَ موجب مضمون بہ ٿورو هئڻ گهرجي. مگر هي لکڻ ضرور سمجهيم، تہ منهنجي هن مضمون لکڻ مان هي مراد نہ آهي، تہ مان ڪوڙ کي ساراهيان ٿو. ايترو سيڪو چوندو، تہ جي ڪنهن چيز ۾ خرابين جي ڪاڻ آهي، تہ چار چڱايون بہ اتس. مونکي هتي ڪوڙ جي باري ۾ ڪي سچيون ڳالهيون لکڻيون هيون، سي لکي پڙهندڙن کان رخصت وٺان ٿو، جو رات جا بہ لڳي چڪا آهن ۽ اهڙي وقت ڪوڙ جي پچار چڱي نہ ٿي لڳي.

ياالله! تون مُنهن جي ڪوڙي ۽ دل جي دغاباز کان بچاءِ!

************************************

# مِٽي

دنيا ۾ سائنس دانن اڳوڻي جڳ کان چار مشهور عناصر يا تتو ڪري ليکيا آهن. اگرچ هاڻوڪي زماني ۾ ٩٢ کان بہ مٿي شمار ڪيا ويا آهن، تاهم اهي سڀ گويا انهن چئن مان ڦٽا آهن يا لڳ ڀڳ انهن سان ميل جول رکن ٿا.

اهي شروعاتي عناصر پاڻي، مٽي، باهہ ۽ هوا آهن. انهن مان اڄ ڪجھ مٽيءَ ذرڙي جو ذڪر لکڻ ضرور چاتم. انسان ذات مٽي آهي، تنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي، ڇو جو هو جڏهن مري ٿو ۽ هنکي قبر ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو يا سنسڪاريو وڃي ٿو، تہ بنهي ڳالهين ۾ هو ٿوري يا گهڻي وقت کان پوءِ مٽي ٿي ٿو وڃي. شاهہ هجي توڙي گدا، يوسف هجي توڙي شيدي، مگر آهي مڙيوئي مٽي.

” ڏگ لتيا ڏوڙ ۾ اپي ڏنا مون. “

رڳو انسان مٽي نہ آهي پر جيڪي بہ هن جهان ۾ جنسار ڏسجن ٿا، سي هڪ نہ هڪ وقت مٽي ٿيو پون. ڇا تارا جي آسمان ۾ اهڙو جرڪن ۽ چمڪن ٿا، تڏهن بہ جڏهن اهي هيٺ ڪرن ٿا تہ مٽي آهن. تڏهن چئبو تہ مٽي ڪا اهڙي چيز آهي، جا دنيا جو مول مت آهي جنهن تي سڀ ڪجھ منحصر آهي. آدميءَ کي پاڻي گهرجي، باهہ کپي، هوا ڪم اچي، سڀ نيڪ، مگر جيسين مٽي جنهن جي گهڻي حصي مان انسان نهيو، نہ هوندي تہ بيا کهڙي ڪم ايندا. مثال لاءِ بدن کي ڍڪڻ ۽ خوراڪ پوشاڪ اجهو سڀ مٽي جي پيدائش آهن ۽ جن تي انسان جي جياپي ۽ جيوت جو مدار آهي.

تڏهن چئبو تہ مٽي هڪ اها شي آهي، جا سڀ ڪنهن کي، سڀ ڪنهن هنڌ ۽ سڀ ڪنهن حالت ۾ کپي ٿي. ڀلا ماڻهو کي روزانہ ڪم ڪاج

ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙي صورت ۾ تي گهرجي؟ جي اسان چئون ته مٽي اسان جي حياتي آهي، ته انهيءَ ۾ ڪو عجب ڪونهي، ڇو جو پيدائش ۽ خورش لاءِ ته اسين ڇئي آيا آهيون، باقي رهيو ان ۾ اهو نورالاهي جو قطرو روح يا آتما، جنهنڪري هن کي وڏيڪ درجو مليل تو. هاڻي ڏسون ته اتي مٽي ڪهڙي صورت ۽ معنيٰ ۾ تا ونون جو اسانجو اندر اجري. آئينو ونو: تورو خراب ٿيو ته مٽي ذري سان ملي صاف ڪجيس تو. پوءِ ڇونه دل جو شيشو ٻه مٽيءَ سان صفا تي تو سگهي. سوال اٿندو ته پوءِ اتي مٽي ڇا ڪري ونجي؟ جواب ته مٽي اتي خاڪساري، تواضع، عجز، نياز، نوڙت ۽ نمرتا. ۽ هوا آهي غرور يا هٺ، ڪنهن چيز کي پنهن جي ڪلهن تي چاڙهي، هڪڙي هنڌان ڪٽي ٻئي هنڌ رسائي. ڪنهنکي ڇوٽيءَ تان لاهي پٽ پهچائي. ڇگي هنڌان ڪٽي لڳي هنڌ رسائي. ماڻهو جڏهن انجي گهوڙي تي چڙهي تو، ته سندس مغز ڦريو وڃي ۽ بيوس ٿيو پوي. مگر مٽي ان جي مقابلي ۾ بارگير آهي سا پنهنجو هنڌ جهليو بيٺي رهي، باهه آهي ڪينو، حسد ۽ ساڙ، سا جيسين ٻين کي ڇٻي ڪدي ساڙي ئي ساڙي، ان ڪان اڳ پاڻ ٻيئي وٺ سٽ ڪائي ۽ ڪوئلا ڪرنڊ ٿئي. پر جي مٽيءَ ٻڪ پيس ته اتي ئي پوري. اتي ٻه نياز ساڙ کي نوائي تو. مٽي ٿڌي ٺاهري، سيڪنهن کي ڏئي پر ڏڪوئي نه. ويچاري لتن ۾ لتاڙجي، پر ڪيچي اهڙي جهڙي پِٽ. اهو آهي ان جو صبر جنهن کي هميشه اجر ۽ عيوضو آهي. ڪنير ويچاريءَ کي لتن سان ڪٽي، سوٽين سان سٽي، باهه ۾ ساڙي ته ٻه اوچڻ ۽ آجڪو پئي ڏئيس. واهه ڙي مٽي واهه! توکي ڪير ڇئي ۽ ڪير نئين. ” سڪ سمهي ڪنياري جو ڇور نه نئين مٽي. “

پاڻي آهي هستيءَ جو جوش. جاتي نيونس تاتي سوين ايڪڙ آباديءَ جا ڇٽ. هزارين ماڻهو ۽ مال غرق. جتان ٽتي ته ٻيڙا تختا تختا ۽ اسباب دف. پر واهه ڙي مٽي! بس گهاري ۾ اچي وڃي ته ڪم ئي راس ۽ ٻيڙائي پار، ڪارج ئي سڌ، مشڪل ئي آسان. اتي مٽي بردباريءَ جو ڪم

تي ڏئي. اها مٽي آهي، جا ٻين جا لوڙهه ڏيکاري اسان کي پئي خبردار ڪري. اها مٽي آهي جا اسان جي اکين ۾ بار بار اڏامي اچي چتائي تي، ته آخر مان آهيان ۽ مون سان اوهانجو ڪم آهي، تنهنڪري منهنجي خاصيت اختيار ڪريو. دنيا ۾ جيڪي اوهان کي ذري پرزي شيون ملن ٿيون، سي مون مان ۽ مون وٽان. تنهنڪري اوهان به پنهنجي ذات لاءِ اهڙا ڪارگر ٿيو. پنهنجو ماس ڳاري، ٻين جو ڀلو ڪريو، جئن مان پنهنجا ڳچ اوهان لاءِ ڳاريان ٿي. مون جئن پنهن جي جاءِ جهلي وهو، ته ٻيا اچي اوهان جا سلامي ٿين. پٿر به پنهنجي جاءِ ڳورو آهي. هر چيز کي پنهنجي جاءِ تي عزت آهي. جي اوهان کي ڪو ستائي، ته ست ڌاري ڏٽيءَ تي پاڙيو. جئن مان ماٿ ۾ آهيان، ته آخر منهنجو نذر ٿا ٿين.

” خاڪ مي خورد يم عمري در غذا،
خاڪ مارا خورد آخر در جزا. “

(رومي)

ساري عمر خوراڪ ۾ خاڪ کاڌيسين ته آخر ۾ انهيءَ عيوضي ۾ خاڪ اسان کي کاڌو. پنهنجي هستي وڃائي نيست ٿيو، ته اوهان مان منا ميوا نڪرن.

” دو بهاران کي شود سر سبز سنگ،
خاڪ شو تا گل برويد رنگ رنگ. “

(رومي)

ڏسو ته بهار ۾ به پٿر سرسبز نٿا ٿين. سو خاڪ ٿيءُ ته تومان گل ڦل نڪرن.

آدم ذات! تون مٽي آهين، تڏهين پنهنجي هم جنس کان سبق چونه ٿو سکين؟ ان کان پرهيز نه ڪر. ڪيڏي به اوچ کي رسين تڏهن به پاڙ کي

مٽي سمجهه ۾ مٽي ٿي هل. نا جنس ڪان پرهيز ڪر. ڏس، ته تيل ۾ پاڻي وجهبو ته ڏيئو ٽڙ ٽڙ ڪندو. اهوئي سبق بس آهي، ته غير جنس سان ملڻ ڪري چا ٿو ٿئي. ڏس ته منهنجو مرتبو رڳو تنهنجي حياتيءَ تائين نه آهي، مگر جي تون چڱو ٿي هلندين ته تنهنجي مٽيءَ جو به مان ٿيندو.

” جاڳي جنهن ياد ڪيو، ساري رات سبحان،
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اڇي آسڻ ان جي. “

منهنجا پروردگار! جڏهن تو منهنجي خلقت پرورش مٽي ڪئي آهي، تڏهن مونکي مٽي بڻاءِ ته بين ڪي ڪم اچان ۽ بين جي ڏکوئڻ ڪان پري رهان. آمين!

***********************************